حلیم بروهیی

سندی سندی سندی سندی سندی



سنڌ سنڌي سنڌي ٻولي سنڌي ساهت

(قسطوار - پهريون قسط)

حليم بروهي

هن ڪتاب جي ڪا به سٽ، ڪا به پڙاڻ، يا ڪو به حصو ڪنهن به سلسلي ۾ ڇپڻ يا ڇپائڻ لاءِ ليکڪ جي لکت ۾ اجازت قانوني ۽ اخلاقي طرح ضروري آهي.

حق ۽ واسطا ليکڪ ۽ ڇپائيندڙ وٽ محفوظ آهن.

ڇاپو پهريون، جنوري ۱۹۸۵

ڳائيتو هڪ هزار

ٽائٽل منصور ابڙو

ڇاپيندڙ خالد سنڌي
شهباز پرنٽنگ پريس،
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ

ڇپائيندڙ عبدالحليم بروهي
502/B-1 صدر، حيدرآباد سنڌ

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

قيمت ڏهه روپيا

حليم بروهي بابت

ان ۾ کو شڪ ناهي ته اڄ ڪلهه (يا شايد هميشه) پنهنجي بنسبت، ٻئي ڪنهن بابت گهاڻهاڻ سڀ کان سولي گهاڻهه رهي آهي. پر اڄ جڏهين مان حليم بروهي بابت ڪجهه لکڻ ويٺي آهيان ته خبر پيم ته ڪم از ڪم حليم متعلق ڪجهه لکڻ ايترو سولو به ناهي. بلڪل ائين جيئن سندس تحريرن کي ڪنهن مخصوص Category ۾ نه ٿو رکي سگهجي، تهڙي طرح سندس شخصيت جو تجزيو به آسان نه آهي.

سندس تحريرن متعلق ڪم از ڪم مان اهو وٹوق سان نه ٿي چئي سگهان ته آهي بلڪل ئي مزاحيه تحريرون يا طنز و مزاح سان "پر پور" تحريرون آهن، ڇو ته مون کي سندس لکيل هڪ هڪ سيٽ ۾ سنجيدگي ۽ سوچ ليٿا پائيندي نظر ايندي آهي. شايد اهو ئي سبب آهي جو سندس معصوم ۽ Harmless جملن تي به (جيڪي حالانڪ مزاحيه رنگ ۾ لکيل هوندا آهن) کي ماڻهو "سنجيدگيءَ" سان کاوڙجي پوندا آهن ـ. ائين ڪٽي چئجي ته حليم منهنجي نظر ۾ تمام "سنجيده" مزاحيه ادب تخليق ڪندو رهيو آهي ۽ نتيجي ۾ ڪيترن ئي "دوستن" جي دوستيءَ کان محروم ٿيندو رهيو آهي. جنهن لاءِ شايد هو پاڻ به دل ۾ خوش ٿيندو هجي.

حليم کي نه صرف لکڻ جو مرض پراڻو آهي پر پين کي پنهنجو لکيو زوريءَ پڙهائڻ جو شونق به اصل کان اٿس. ياد ٿو اچيم، مان اڃان ڪاليج ۾ پڙهندي هئس، تڏهين حليم لکڻ جي ميدان ۾ نئون نئون وارد ٿيو هو. هو پنهنجون تحريرون پاڻ ئي نديڙن، مختصر ڪتابڙن جي شڪل ۾ ڇپرائي، دوستن ۽ احبابن وٹ "بنفسِ نفيس" پڙهڻ لاءِ (زوري) ڏئي به ويندو هو. ان زماني ۾ اسان ته ڪنهن شمار ۾ ڪونه هئاسين،

پر پڙهڻ جو شوق ته اسان کي به پراڻو هو. حليم جي منفرد ۽ مزيدار لکڻين تحريرن جي هڪ fresh ۽ نئين ڏنگ سمان روشناس ڪرايو ۽ بقول ڪين جي "nonsense" واري Reaction ۾ منهنجو تاثر هوندو هو ته "No nonsense at all".

مون حليم کان سندس انهن ڪتابڙن تي آٽوگراف ورتو هو، ڪيس چيوهيم ته هي ان ڏينهن لاءِ ٿي رکان، جڏهين توهان جو شمار وڏن لکندڙن ۾ ٿيندو ۽ توهان جون لکڻيون ماڻهو پاڻ خريد ڪري پڙهندا. مون وٽ اها آٽوگراف اڄ به محفوظ آهي ۽ منهنجا اکر به هاڻي صحيح ثابت ٿي چڪا آهن. مون ڪيس اها ڳالهه ياد ڏياري جڏهين پاڻ هتي سنڌالاجيءَ ۾ بدلي ٿي آيو (ظاهر آهي هاڻي جڏهين ته هن جو شمار وڏن لکندڙن ۾ ٿئي ٿو، ڪيس اِها پراڻي ڳالهه ڇو ياد هوندي). ڪيس اها ڳالهه ياد ڪونه آئي. سنڌالاجيءَ ۾ بحيثيت هڪ Colleague جي به مون کي منجهس ڪابه غير سنجيده ڳالهه نظر نه آئي، سواءِ ان جي ته هو پنهنجي ڪم جي معاملي ۾ انتهائي سنجيده هو.

ٿورا ڏينهن ٿيندا، ٻڌايائين ته هن ڪو ڪتاب لکيو آهي. چا تي لکيو اٿس، چا لکيو اٿائين کا خبر نه اٿم. سندس خيال آهي ته مان ان ڪتاب لاءِ ــ؟؟ يا حليم لاءِ ڪجهه اکر لکان.

ڪتاب لاءِ ته ڪجهه نه ٿي لکان جو ڏٺو ئي نه اٿم، پر حليم لاءِ ڪجهه لکڻ پنهنجي لاءِ وڏو اعزاز پئي سمجهان. ڪتاب لاءِ به اڃ ڏٺي ئي ايترو چوندس ته

It must be having some sense,
because Haleem doesn't believe
in any nonsense.

مهتاب اڪبر راشدي

١٦-جنوري ١٩٨٥ع

سنڌ، سنڌي، سنڌي ٻولي، سنڌي ساهت

جاڻ پنهنجو نقطءِ نظر viewpoint ڏيڻ کي تواريخ نويسيءَ جي اصولن خلاف سمجهيو ويندو، تڏهن تواريخ نويس فقط انهن ڳالهين جو ذڪر ڪندو جيڪي اڳيئي قبوليل ۽ مڃيل هجن، ۽ انهن حقيقتن کي به نظرانداز ڪندو جيڪي انهن اڳيئي مڃيل ۽ قبوليل ڳالهين کي رد ڪن: اهو خاص سبب آهي جو سنڌ ۽ سنڌي ادب جـون ڇپيل تواريخون فقط انهن ئي اڳيئي قبوليل ۽ مڃيل ڳالهين جـو دستاويز آهن جن جو حقيقتن سان ڪوبه تعلق ناهي، ۽ اهوئي خاص سبب آهي جو سنڌ ۽ سنڌي ادب جي تواريخن مان ڪن به ٻن تواريخن جي وچ ۾ ڪوبه تفاوت ناهي ۽ ڪنهن به هڪ تواريخ ۾ ڪابه نواڻ ناهي. جڏهن پنهنجو نقطءِ نظر ڏيڻ کي تواريخ نويسيءَ جي اصولن خلاف سمجهيو ويندو، تڏهن تواريخ نويس فقط انهن ڳالهين جو ذڪر ڪندو جيڪي سندس فطرت مطابق هونديون ۽ انهن حقيقتن کي به نظرانداز ڪندو جن کي سندس پنهنجي فطرت قبول نه ڪندي: اهوئي سبب آهي جو سنڌ ۽ سنڌي ادب جون تواريخون سندن ليکڪن جي فطرتن مطابق لکيل هئڻ ڪري حقيقتن کان پري آهن، ۽ اهوئي سبب آهي جو سنڌ ۽ سنڌي ادب جي ڪنهن به تواريخ نويس جي فطرت مان سمجهي سگهجي ٿو ته هن تواريخ نويس پنهنجي تواريخ ۾ ڇا لکيو هوندو. اهيءَ خيال ـــ ته تواريخ نويس کي تواريخ ۾ پنهنجو نقطءِ نظر نه ڏيڻ گهرجي ـــ سنڌ ۽ سنڌي ادب جي تواريخن کي لنگڙو، لولهو، ڪاڻو، يا اندو ڪري ڇڏيو آهي.

ڪنهن شخص، ڪنهن ڪتاب، ڪنهن حقيقت، ڪنهن اتفاق، يا ڪنهن تخليق تي راءِ ڏيڻ کي تبصرو يا تنقيد چئبو

آهي،—ڪ شخص، ڪتاب، حقيقتن، اتفاقن، يا تخايقن جي انبوهه ڪي ڪنهن نقطهء نظر کان ڏسڻ کي تواريخ نويسي چئبو آهي: ڇو ته اينسائڪلوپيديا تيار ڪرڻ ۾ مائڻن جو هڪ گروهه شامل هوندو آهي، تنهنڪري فقط اينسائڪلوپيديا ۾ ئي هڪڙي هنڌ هڪڙو نقطهء نظرڏنل هوندو تڏهئي هنڌ ٻيو نقطهء نظر: جنهن کي تواريخ چئبو آهي سا ڪو اڪيلو شخص لکندو آهي ۽ تنهنڪري هر هڪ تواريخ پنهنجي ليکڪ جي ئي فقط هڪڙي نقطهء نظر تي ٻڌل هوندي آهي: رسول بخش پليجي جو نقطهء نظرقبول ڪجي يا نه، پراها حقيقت آهي ته سندس ڪتاب 'سنڌن ذات هنجن' هڪڙو ئي اهڙو ڪتاب آهي جيڪو هڪ خراب تواريخ a bad history هوندي به تواريخ ضرور آهي، ۽ سنڌ ۽ سنڌي ادب جون باقي سڀئي تواريخون هڪڙي ئي ساڳئي اجتماعي نقطهء نظر تي ٻڌل هڻڻ ڪري غير ذميدار لکتون irresponsible writings آهن. بلڪل سچ آهي ته ثقافتي، سياسي، ۽ ادبي طرح غريب جاتين جا ليکڪ پنهنجي ثقافتي، سياسي، ۽ ادبي ورثي ۾ ڪوڙو وڏاءُ ڪري پنهنجي جاتيءَ ۾ خود اعتمادي پئدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، پر اهي ليکڪ پائڪي تواريخ دان، تواريخ نويس، ۽ تواريخ جا ماهر نه سڏائيندا آهن ۽ نه تواريخون لکندا آهن: اهي فقط لوڪ ڪٿائون لکندا آهن جن کي هو جاتي ادب چوندا آهن: اهي ليکڪ پنهنجين لکيتن کي تواريخ جو نالو ڏيئي پنهنجن پڙهندڙن جي تعليمي سطح کيرائي سندن ذهني سطح سان هٿ چراند نه ڪندا آهن.

ڪنهن جاتيءَ جي عظمت سندس بهادريءَ ڪري هوندي آهي ته ڪنهن جاتيءَ جي عظمت سندس علم ڪري هوندي آهي: ڪنهن جاتيءَ جي عظمت سندس ثقافت ۾ سمايل هوندي آهي ته ڪنهن جاتيءَ جي عظمت سندس واپاري صلاحيت ۾ سمايل هوندي آهي: ڪنهن جاتيءَ جي عظمت جو سبب سندس

شاعر آهن تہ ڪنهن جاتيءَ جي عظمت جو سبب سندس حاڪم آهن: هر هڪ جاتيءَ جي عظمت ان جاتيءَ جي پنهنجي انهيءَ رويي attitude ۾ سمايل آهي جنهن رويي سان اها جاتي پنهنجي چوڌاري دنيا کي ڏسي ۽ پرکي ٿي، ٽڪي ۽ توري ٿي، ۽ پوءِ انهيءَ حساب سان دنيا سان وهنوار ڪري ٿي: انهيءَ رويي ۾ ئي جاتيءَ جي عظمت به سمايل آهي ۽ جاتيءَ جي پنهنجي فطرت ۾، چو تہ جاتيءَ جي عظمت ۽ جاتيءَ جي فطرت ٻئي ساڳي ڳالهہ جا ٻہ نالا آهن. جنهن جاتيءَ جي عظمت سندس سورمن ڪري هجي تنهن جاتيءَ کي ڪوڙن ۽ هٿراڏو گهڙيل شاعرن جا قصا ٻڌائي ڏارين شاعرن کي ٻہ سندن پنهنجا ثابت ڪري جاتيءَ کي زوريءَ شاعريءَ ڏانهن مائل ڪرڻ، يا جنهن جاتيءَ جي عظمت سندس شاعرن ڪري هجي تنهن جاتيءَ کي ڪوڙا ۽ هٿراڏو گهڙيل سورما ڏيئي ڏارين سورمن کي ٻہ سندن پنهنجا سورما ثابت ڪري جاتيءَ کي زوريءَ جنگ جوئي ڏانهن مائل ڪرڻ،—اهي طريقا آهن انهيءَ جاتيءَ جي پنهنجي اصلوڪي فطرت ۾ اهڙو انتشار پئدا ڪرڻ جا جيڪو انتشار انهيءَ جاتيءَ کي ذهني طرح بيمار ڪري، مفلوج ڪري ۽ پوڙي، هميشہ لاءِ لوڙهي ڇڏيندو آهي: جنهن جاتيءَ کي پنهنجي تواريخ جي خبر نہ آهي سا جاتي فقط اڪين ڪان جڏي آهي، پر جنهن جاتيءَ کي پاڻ بابت غلط سمجهہ آهي سا جاتي پنهنجو ذهني توازن وڃائي ويهندي آهي: تواريخ نويسيءَ جو مقصد جاتيءَ جي فطرت جي ڳولها آهي، ۽ ڏهہ ڪتاب سامهون رکي يارهون ڪتاب لکي وڃڻ کي پليجئرزم plagiarism چئبو آهي: حقيقتن کي سامهون اڇڻ گهرجي، پوءِ اهي حقيقتون ڪيترين ئي ڪڙين چو نہ هجن: جا جاتي پاڻ ئي پنهنجو پاڻ کي نہ سڃاڻندي تنهن جاتيءَ کي ڪو ٻيو ٻہ نہ سڃاڻندو، ۽ جا جاتي پاڻ ئي پنهنجو پاڻ کي قبول نہ ڪندي تنهن جاتيءَ کي

objectivity ڪو پيو به قبول نه ڪندو: جنهن اوبجيڪٽوٽيءَ سان تواريخ جو واسطو آهي سا ذهني اوبجيڪٽوٽي intellectual objectivity آهي جا ذهني اشرافت intellectual honesty جو پيو نالو آهي، ۽ جنهن کي سنڌ ۽ سنڌي ادب جا تواريخ نويس فقط آٿ کي آٿ ۽ گهوڙي کي گهوڙو چوڻ ٿائين محدود سمجهي آٿ کي گهوڙو، گهوڙي کي آٿ، ۽ آٿ ۽ گهوڙي ٻنهي کي ڏاند به چئي ويا آهن. ادب خلاء vacuum ۾ پئدا نه ٿيندو آهي چو ته وچونءَ ۽ ٽنڊڻ کي به جنم ونڻ لاء ڇيٽي جي موجودگيءَ جي ضرورت رهندي آهي: اها ادب جي تواريخ جا ملڪ ۽ جاتيءَ جي تواريخ کي نظرانداز ڪري سا چٽ مان لٽڪيل انهيءَ ڪوريڙي وانگي آهي جيڪو فقط هڪ تار ٽٽڻ سان اچي پٽ تي ڦهڪو ڪندو آهي؛ ۽ سنڌي ادب جو تواريخي پس منظر سنڌي ادب کان به وڌيڪ اهم آهي، چو ته ڪوڙو ۽ فريبي تواريخي پس منظر ئي اٿا تار آهي جا سنڌي ادب جي تواريخن کي انهن ڪوڙين ۽ من گهڙت ڳالهين سان اٽڪايو ٻيئي آهي جن ٻوٻان سنڌي جاتيءَ کي لڪايو ويو آهي.

هر ڪنهن ڪم، فن، ۽ هنر جا پنهنجا اوزار آهن جيڪي اهو ڪم، فن، يا هنر ڪرڻ وقت سنڀالڻا آهن: هر ڪو اهو ڪم جيڪو سائنس جي اصولن مطابق ڪيو آهي تنهنجا اوزار آهن ڊيفينيشنس definitions، ته جيئن سڄي ٽريٽائز treatise ۾، سڄي ڪتاب ۾، سڄي دستاويز ۾، هر هڪ اکر هر هنڌ پنهنجي ساڳئي مطلب ۾ استعمال ٿئي ۽ ائين نه ٿئي جو ساڳيو اکر ڪتاب ۾ هڪڙي هنڌ هڪڙي معنيٰ وٺي ٻيهي ۽ ٻئي هنڌ ٻي معنيٰ وٺي ٻيهي: ڊيفينيشنس جي اهميت تواريخ نويسيءَ ۾ به ايتري ئي آهي جيتري ٻين سائنسن ۾، چو ته جا تواريخ سائنس جي اصولن مطابق لکيل نه هوندي سا فقط ڪا فيبل

fable ، کا مٿ myth ، کا ليجنڊ legend ، کا فنتسي fantasy ، يا هنن مان کن جو، يا هنن سيني جو مرکب هوندي: سنڌ جا کي چئجي، سنڌي جا کي چئجي، سنڌي پولي جا کي چئجي، سنڌي ادب جا کي چئجي،—هي اُهي ٽنيا آهن جن ۾ سنڌ ۽ سنڌي ادب جي ڪائنات ڪڙي ٽيل هٿ گهرجي: سنڌ ۽ سنڌي ادب جي اُها تواريخ جا هنن اکرن کي نظرانداز ڪري لکيل هجي، تنهنجو درجو فقط ڪنهن ايپڪ epic — ڪٿا-جهڙو رهندو جنهن کي طوطي وانگي رٽي ته سگهجي ٿو پر ان کي سائنس جي اصولن تي پرکي قبول نٿو ڪري سگهجي جنهن سنڌوءَ جي ساراهه جا گيت رگهه ويد گايا، اها سنڌو جا اچوڪي سنڌ صوبي واري ايراضي هئي؟ جنهن سنڌ تي عربن شروعاتي حملا ڪيا سا اچوڪي سنڌ صوبي واري ايراضي هئي، يا مڪران واري ايراضي هئي جا بلوچستان جي حاڪميت هيٺ هئي؟ جنهن راجا ڏاهر عربن هٿان شڪست کاڌي، سو راجا ڏاهر اچوڪي سنڌ صوبي واري ايراضيءَ جو بادشاهه هو، يا وچولي بلوچستان جو حاڪم هو جنهنجي فقط گاديءَ جو هنڌ اچوڪي سنڌ صوبي جي اتراڀي حصي ۾ هو؟ موهن جي دڙي واري ثقافت اچوڪي سنڌ صوبي واري اچوڪي سنڌي ثقافت جو حصو آهي، يا انهيءَ بلوچستان واري ثقافت جو حصو هئي جنهنجو ڪوبه تعلق اچوڪي سنڌ صوبي واري اچوڪي سنڌي ثقافت سان نه هو؟ ۽ جا سنڌ هزارين ورهه آگهاڙي هئي سا افغانستان ۾ هئي؟ ۽ جي اها سنڌ افغانستان ۾ نه هئي ته اينسائڪلوپيديا برٽينيڪا جي پنڌرهين ايڊيشن وارا ڇو ائين ٿا لکن؟ موهن جي دڙي جا رهاڪو سنڌي هٿا؟ يا اهي سنڌي هٿا جن موهن جي دڙي جي رهاڪن کي ماريو ۽ پڇايو؟ يا اهي آريهه سنڌي هٿا جيڪي پوءِ اچوڪي سنڌ صوبي جي ايراضيءَ ۾ آيا؟ يا آهي سيميٽڪس semetics — عرب — جن ۾ سيد، عباسي، قريشي، صديقي، ۽

انصاري ۽ اچيو وڃن، ۽ آهي انڊو-آريه Indo-Aryans جن
۾ آغا، افغان، پٺاڻ، ۽ بلوچ ۽ اچيو وڃن، ۽ آهي درئويديئس
Dravidians - دراوڙ - جن ۾ براهوئي ۽ اچيو وڃن، سنڌي هڪا
جيڪي اچوڪي سنڌ صوبي واري ايراضين ۾ رهي پنهنجي مادري
ٻولي ۽ مادري سپيتا وڃائي سنڌي ڳالهائڻ لڳا ۽ پوء چوڻ
لڳا ته سنڌي فقط اهي آهن جيڪي اچوڪي سنڌي ٻولي
ڳالهائين؟ ۽ جيڪڏهن سنڌي فقط اهي آهن جيڪي اچوڪي
سنڌي ڳالهائين ته آهي انڊو - آريه جيڪي پنجاب ۽ هندستان
کان اچوڪي سنڌ صوبي جي ايراضي ۾ اچي سنڌي ڳالهائڻ
لڳا آهن سي ڇو سنڌي ناهن؟ ۽ سنڌي جيڪڏهن فقط آهي
آهن جيڪي پنهنجن گهرن ۾ سنڌي ڳالهين، ته اچوڪي سنڌ
صوبي جي ايراضيء اندر رهندڙ آهي لکين ماڻهون کهڙي
کاتي ۾ وجهيا جيڪي پنهنجن گهرن ۾ هروچکي، براهوئي،
کولهکي، راجستاني، مينگهواڙي، ٻيلاڙي، سرائکي، ماروائڙي،
کچي، کاٺياواڙي، گجراتي، ۽ ميمڻي ڳالهائيندا آهن ۽ فقط
پنهنجن گهرن کان باهر سنڌي ڳالهائيندا آهن؟ ۽ جيڪڏهن اهي
سپيئي فقط پنهنجن گهرن کان باهر سنڌي ڳالهائيندي ۽ سنڌي
آهن، ته پوء آهي باهر سنڌي ڳالهائيندڙ ڇو سنڌي ناهن جيڪي
پنهنجن گهرن ۾ پنجابي يا اردو ڳالهائيندا آهن؟ ۽ جيڪڏهن
اهي سپيئي سنڌي ناهن ته ڇا سنڌي فقط اچوڪي سنڌ صوبي
اندر وسيل عربي، آغا، افغان، بلوچ، ۽ بروهي جاتيون ئي آهن؟
۽ اهي قومون سنڌي ناهن ڇا جيڪي ٻهرين جنکر ماڻهن
کري، پوء انڊو - آريه ماڻهن کري، پوء ايرانين کري، پوء
گريکس کري، پوء سيميٽکس - عرب قومن - کري، ۽ پوء
پٺاڻن، افغانن، ۽ ترخانن کري اچوڪي سنڌ صوبي جو اوپراڻو
پاسو خالي کري کڏ، گجرات، کاٺياواڙ، ماروائڙ ۽ راجستان
کان ۽ پرتي ويون جتي پنهنجي ٻولي وڃائي چڏيائون؟ جڏهن

اينسائڪلوپيڊيا برٽينيڪا مطابق سنڌي اڇوڪي سنڌ صوبي ۾ رهندڙ فقط اندو ـ آريهه آهن، تہ اڇوڪي سنڌ صوبي ۾ رهندڙ اهي سيميٽڪس پاڻ، دراوڙن سميت، ڪهڙي ڪاتي ۾ پوندا؟ سنڌي تہ سنڌي آهي پوءِ ڪٿي هانگ ڪانگ ۾ چائنيز ڳالهائيندو هجي يا سعودي عرب ۾ عربي ڳالهائيندو هجي، جيئن انگريز تہ انگريز آهي پوءِ ڪٿي اٽليءَ ۾ اٽالين ڳالهائيندو هجي ۽ جيان ۾ جئنيز ڳالهائيندو هجي: سنڌي تہ سنڌي آهي پوءِ ڪٿي اسپين ۾ اسپئنش ڳالهائيندو هجي ۽ آفريڪا ۾ افريڪن ڳالهائيندو هجي، جيئن عرب تہ عرب آهي، بلوچ تہ بلوچ آهي، براوهئي تہ براوهئي آهي، پٺاڻ تہ پٺاڻ آهي، آغا تہ آغا آهي، ۽ افغان تہ افغان آهي پوءِ ڪٿي اڇوڪي سنڌ صوبي واري ايراضيءَ ۾ سنڌي ٻولي ڳالهائيندو هجي. جيئن چائنيز ماڻهن کان سندن نڪ نقشو نٿو ڪسي سگهجي، جيئن لبيا جي ماڻهن کان سندن گهنڊيدار وار نٿا ڪسي سگهجن، جيئن رشيا جي ماڻهن کان سندن قد نٿو ڪسي سگهجي، تيئن سنڌين کان به سندن مهانڊا نٿا ڪسي سگهجن: ٻولي تہ ملڪ نيڪالي ۽ سان به ڪسي سگهجي ٿي ۽ ائين به ڪسي سگهجي ٿي جيئن اڇوڪي سنڌ صوبي واري ايراضيءَ جي اصلوڪن رهاڪن کان سندن اصلوڪي ٻولي ڪسي، عربيءَ ۽ فارسيءَ جي گاڏڙ ڪي سنڌي ٻوليءَ جو نالو ڏيئي، پوءِ انهيءَ ايراضيءَ جي اصلوڪين ٻولين کان سندن اصلوڪو ديوناگري اسڪرپٽ به ڪسي عربي ۽ فارسي جي گاڏڙ واري اسڪرپٽ ڪي سنڌي اسڪرپٽ جو نالو ڏيئي، پوءِ ڇيو ويو تہ جيڪي اها عربي فارسي گاڏڙ نہ ڳالهائين ۽ جيڪي اها عربي فارسي گاڏڙ نہ لکن سي سنڌي ناهن ۽ تنهنڪري اڇوڪي سنڌ صوبي واري ايراضيءَ جا اصلوڪا رهاڪو به نہ آهن. اڇوڪي سنڌ صوبي مان جيڪڏهن رام لال ۽ محمد بخش لڏي وڃي انگلئنڊ ۾ رهن، شاديون به اتي ڪي انگريزياڻين سان ڪن، ٻار به اتي ڄڻن، ۽ اتي پنهنجي گهرن

۾ پولي ٻه انگريزي ڳالهائين، ته چا رام لال ۽ محمد بخش انگريز ٿي ويا؟ چا، انگريز قوم هنن کي انگريز سمجهندي؟ ۽ چا، دنيا وارا ٻـ هنن ٻنهي کـي انـگريز سمجهندا؟ نشنلٽي کارڊ Nationality Card الڳ ڳالهه آهي جا حڪومتن جي سهوليت لاءِ آهي، ۽ قـوم جو فرد هجڻ بلڪل الـڳ ڳالهه آهي: پر اچوکي سنڌ صوبي ۾ رهندڙ آغا، پٺاڻ، سيد، قريشي، عباسي، بلوچ، ۽ بـروهي فقط اچوکي سنڌي پولي ڳالهائي، ۽ اها ئـي اچوکي سنڌي ڳالهائڻ، لکڻ، ۽ پڙهڻ تي زور رکي، پاڻ کي سنڌي ثابت ڪندي اچوکي سنڌ صوبي واري ايراضيءَ جـي انهن اصلوکن رهاڪن کي ٻ سنڌين جي لسٽ تان خارج ڪيو ڇڏين جيڪي اها اچوکي سنڌي پولي نه ڳالهائيندا آهن. 'سنڌي فقط اهـو آهـي جيڪو پنهنجي گهر ۾ سنڌي ڳالهائـي' واري بنيادي طرح غلط ۽ ابتي ڳالهه تـي سندرو فقط اهو ئي ماڻهون ٻڌي ٻيهندو جنهن وٽ پنهنجو پـاڻ کـي اچوکي سنڌ صوبـي واري ايراضيءَ جو اصلوکو رهاڪو ثابت ڪرڻ لاءِ ٻي ڪابه ثابتي نه هوندي، فقط اهو ئي ماڻهون زور ڪري پاڻ ٻه اچوکي سنڌي ڳالهائيندو ۽ ٻين کي ٻه اچوکي سنڌي ڳالهائڻ تي زور پريندو جنهن وٽ پنهنجو پاڻ کي اچوکي سنڌ صوبي واري ايراضيءَ جـو اصلوکو رهاڪو ثـابت ڪرڻ لاءِ سواءِ اچوکي سنڌـي ڳالهائڻ جي ٻي ڪابه ثابتي نه هوندي، فقط اهوئي ماڻهون پاڻ ٻه زور ڪري اچوکي سنڌي ڳالهائيندو ۽ ٻين کي ٻه اچوکي سنڌي ڳالهائـڻ تـي ليڪچر ڏيندو ۽ تقريـرون ڪندو جيڪو ماڻهون پاڻ بنيادي طرح نه بلوچ هوندو، نه بروهي هوندو، ۽ نه اچوکي سنڌ صوبي واري ايراضيءَ جـي اصلوکن رهاڪن مان هوندو: بروهين، بلوچن، ۽ اچوکي سنڌ صوبي جـي اصلوکن رهاڪن کي اهڙو ڪوبه ناتڪ رچائڻ جي ڪابه ضرورت ناهي ڇـو ته بروهين، بلوچن، ۽ اچوکي سنڌ صوبي جـي اصلوکن

رهاکن جو سنڌي هجڻ سندن پنهنجن مهاڻن، نڪ نقشن، فطرتن، ۽ عادتن مان پڌرو آهي. اڇوکي سنڌ صوبي واري ايراضيءَ ۾ رهندڙ اصلوکن رهاکن جي لسٽ فقط پيل، کولهي، مينگهواڙ، پٽ، ۽ پان تائين محدود رکي ويندي آهي تہ جيئن فقط اڇوکي سنڌي ٻولي ڳالهائي پاڻ کي سنڌي ثابت کرڻ وارا اهي ماڻهون پڌرا نہ ٿين جن پنهنجي حاکميت جي دور ۾ سنڌي ٻولين جو خانو خراب کري ڇڏيو تہ سنڌي ٻوليءَ کي شاهوکار کيو ويو آهي، پنهنجو مٿاهون هٿ قائم رکڻ لاءِ پنا کارا کري ڇڏيو تہ سنڌي ادب کي شاهوکار کيو ويو آهي، حقيقتون ميساري ڇڏيو تہ سنڌ جي تواريخ ڏهي آهي، ۽ ذهني مريض پيدا کري انهن کي ڇڏيو تہ هاڻي ويهي سنڌي ٻولي، سنڌي ادب، ۽ سنڌ جون تاريخون لکو: اڇوکي سنڌ صوبي واري ايراضيءَ اندر رهندڙ اصلوکن رهاکن ۾ پيل، کولهي، پٽ، پان، سومرا، سما، سميجا، ميمڻ، ولپ، منگريا، ڏاريجا، هنگورهه، ناريجهه، ڏکڙ، لهاڻا، ماچي، مهاڻا، سهاڳ، شورا، آڃڻ، جويا، جنجهي، قلپوتا، قل، ورڪيا، مورا، پانيڙ، کوري، کنيار، وادا، کٽي، کهاوڙ، لاسي، پالاري، پليجا، سهتا، لاکا، سينهڙا، سيهڙ، کهڙا، وساڻ، اونا، ساهڙ، ڀگهيا، لاڙڪ، چنا، چاچر، انڙ، ابڙا، چنڙ، جوکيا، درس، ٽيبا، لنجا، هنگورجا، پلي، راجڙ، وڙياهه، راهمان، راهوجا، راجپر، جوٽيجا، ڏوهٽ، سانڊ، ڏاڍي، لنگها، گهانگهرا، ۽ مهر بہ آهن، انهن ايراضين جا اصلوکا رهاکو بہ آهن جن ايراضين کي ڪچ، ڪاٺياواڙ، گجرات، ماروارڙ، ۽ راجستان جا مختلف ليبل هڻي اڇوکي سنڌ صوبي جي اوپراڻي حصي کان ڌار کيو ويو، ۽ انهن سڀني ايراضين جا اهي اصلوکا رهاکو بہ آهن جيڪي انهن ايراضين مان نڪتا يا ڪڍيا ويا، ـــ ۽ اڇوکي سنڌ صوبي واري ايراضيءَ جي اصلوکن رهاکن ۾ براوهئي ۽ بلوچ بہ آهن.

سنڌي، عربي، ۽ فارسيءَ جي گاڏڙ جڏهن سنڌي آهي، تہ سنڌي، سنسڪرت، ۽ هنديءَ جي گاڏڙ چو سنڌي ٻولي ناهي؟ جنهن ڪانگي ۾ محمد بخش چڙهي سو ڪانگو آهي، تہ جنهن ڪانگي ۾ رام لال چڙهي سو چو ڪانگو ناهي؟ جيڪڏهن سنڌي ادب فقط اهو ادب آهي جيڪو سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيو وڃي، تہ عربي ۽ فارسي ڇاڪڏڻ کي چو فقط عربيءَ ۽ فارسيءَ جي ماهرن جي حيثيت ۾ سنڌي ادب جي تواريخن ۾ شامل ڪيو ويو آهي؟ ۽ جيڪڏهن سنڌي ادب اهو سمورو ادب آهي جيڪو اڇوکي سنڌ صوبي جي حدن اندر لکيو وڃي، تہ اڇوکي سنڌ صوبي جي حدن اندر لکيل هندي، سنسڪرت، اردو، ۽ انگريزي ادب جو ذکر چو سنڌي ادب جي تواريخن ۾ نٿو ڪيو وڃي، ۽ چو سنسڪرت ۽ هندي ڇاڪڏڻ کي فقط سنسڪرت ۽ هنديءَ جي ماهرن جي حيثيت ۾ ئي سنڌي ادب جي تواريخن ۾ شامل نہ ڪيو ويو آهي؟ جنهن ڪانگي ۾ محمد بخش چڙهي سو سنڌي ڪانگو آهي، ۽ جنهن ڪانگي ۾ رام لال چڙهي سو چو سنڌي ٻہ ناهي ۽ ڪانگو ٻہ ناهي؟ جيڪڏهن لسانيات linguistics ادب نہ آهي تہ چو لسانيات جي ڇاڻ رکندڙن کي لسانيات جو ماهر ڇئي هنن کي سنڌي ادب جي تواريخن ۾ جڳهہ ڏني وئي آهي؟ جيڪڏهن تحقيق research ادب نہ آهي تہ چو تحقيق کي تحقيقي ادب جو نالو ڏيئي تحقيق ڪندڙن کي ٻہ سنڌي ادب ۾ شامل ڪيو ويو آهي؟ جيڪڏهن تنقيد ٻہ ادب نہ آهي تہ چو فقط ساراهہ ڪندڙن کي ئي تنقيد نگار جو نالو ڏيئي هنن کي ٻہ سنڌي ادب جي تواريخن ۾ جڳهہ ڏني وئي آهي؟ جيڪڏهن اهو سڀ ڪجهہ ادب ناهي تہ چو فقط اهو ئي سڀ ڪجهہ سنڌي ادب جي نالي ۾ چپو آهي؟ ۽ جيڪڏهن اهو سڀ ڪجهہ ادب آهي تہ دنيا جي ترقي يافتہ ادب چو ادب جي معنيٰ تخليقي ادب تائين

محدود ڪري ڇڏي آهي، ۽ ڇو ادب جا نوبل پرائز Nobel Prize ۽ دنيا جا ٻيا ادبي اوارڊ فقط تخليقي ادب تي ئي ملندا آهن؟ ۽ جيڪڏهن سنڌي ادب ترقي يافته ناهي ته ڇو سنڌي ادب کي سنڌي ادب جي تواريخن ۾ دنيا جي ترقي يافته ادب جي معيار مطابق ڇيو ويندو آهي؟ مذهبي لکيتون theology ڪڏهن کان ادب ۾ شامل سمجهيون ويون آهن جو اسلامي مذهبي لکيتون سنڌي ادب جي تواريخن ۾ شامل ڪيون ويون آهن؟ ۽ جيڪڏهن مذهبي لکيتون سنڌي ادب آهن ته عيسائي، ٻڌمر، ۽ هندو مت جي لکيتن کي ڇو سنڌي ادب جي تواريخن کان ٻاهر رکيو ويو آهي؟ سائنس جي دنيا سوالن تي قائم هوندي آهي، ۽ سائنس ۾ جواب کان وڌيڪ سوال جي اهميت هوندي آهي: اهميت فقط هن ڳالهه کي هوندي آهي ته هڪڙي صحيح سوال کان پوءِ ٻيو صحيح سوال ڪڏهن پڇيو ويو ڇو ته سوالن جي رفتار کي ئي سائنس جي ترقيءَ جا قدم ڳڻيو ويندو آهي. جيڪا سائنس سوالن جا جواب نه ڏئي تنهن کي جادو چئبو آهي، ۽ جيڪا تاريخ سوالن جا جواب نه ڏئي تنهن کي ڏند ڪٿا چئبو آهي.

اصلوڪي تخليق ادب آهي ۽ ان جو خالق اديب آهي، ۽ جا اصلوڪي تخليق ڌاري ٻوليءَ ۾ ترجمو ٿئي سا اصلوڪي تخليق ۽ ان جي خالق جي شان آهي، پر انهيءَ ترجمو ڪندڙ کي اديب نه پر فقط ترجمو ڪندڙ چئبو: اصلوڪي سنڌي تخليق جو ترجمو ڌاري ٻوليءَ ۾ ٿئي ته انهيءَ اصلوڪي تخليق ۽ ان جي خالق کي مڃتا ڏجي، پر ترجمو ڪندڙ کي اديب نه پر فقط ترجمو ڪندڙ سمجهجي: پر سنڌي ادب جون تواريخون اهڙن اديبن، وڏن اديبن، دانشورن، عالمن، ۽ عالمن جي عالمن سان ستيل آهن جن جي سموري لکت جو نوانوي سيڪڙو فقط ڌارين ٻولين جا ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ هو: سنڌي

ٻوليءَ جي خدمت ڪرڻ الڳ ڳالهه آهي، ۽ اديب ٿيڻ الڳ ڳالهه آهي: جنهن تي اديب وارو ڪوڙو نه لڳي تنهن کي دانشور ۽ محقق چئي سنڌي ادب جي تواريخ ۾ سپ ڪان اڳين ڪرسين تي ويهارڻ وارو سمورو ورڇو دنيا جي سموري ادب مان فقط سنڌي ادب جي تواريخ نويسن کي ورڻي ۾ مليو آهي. جيڪو ٽانگو محمد بخش هلائي سو ٽانگو سنڌي آهي، ۽ جيڪو ٽانگو رام لال وهائي سو ٽانگو سنڌي ناهي، تنهنڪري عربي فارسي گاڏڙ واري اسڪرپٽ ۾ لکيل سنڌي ٻوليءَ کي سنڌي ٻولي چئبو ۽ ديوناگري اسڪرپٽ ۾ لکيل سنڌي ٻوليءَ کي سنڌي ٻولي نه مڃبو ـــ ٽانگي کي هندو ۽ مسلمان بنائڻ واري اها سوچ اڇوڪي سنڌ صوبي جي ايراضيءَ ۾ رهندڙ ماڻهن کي انهن عالمن، دانشورن، محققن، ۽ تاريخ نويسن وٽان ملي جن اڇوڪي سنڌ صوبي جي ايراضيءَ ۾ سندن پنهنجي مادري ٻولي نه هڻڻ جي باوجود به حڪومت ڪندي، انهيءَ ايراضيءَ مٿان پنهنجي عربي فارسي گاڏڙ واري ٻولي ٿاڦي ان ٻوليءَ کي سنڌي ٻوليءَ جو نالو ڏيئي، ايراضيءَ جي اصلوڪي ٻولين کي ڪچي، گجراتي، ڪاٺياواڙي، ماروارڙي، ٻيلاڙي، راجستاني، بلوچي، سرائڪي، ۽ براهوئي چئي انهيءَ ايراضيءَ مان ڦري لوڏي ڪيو ڇڏيو جيتوڻيڪ اهي ڦري ٻوليون اڇوڪي سنڌ صوبي واري ايراضيءَ جون اصلوڪيون ٻوليون هيون ۽ آهن.

ڏرتيءَ جي جنهن اڌ ۾ اڇوڪو سنڌ صوبو آهي، تنهن ۾ وهندڙ ندين جا ڀيٽ اولهه پاسي ڏانهن سرڪندا رهيا آهن: اڇوڪي سنڌ صوبي مان وهندڙ اڇوڪي سنڌوندي به هڪ ڊگهي عرصي ۾ پنهنجو ڀيٽ اولهاڻي پاسي سرڪائيندي جهلن جي ويجهو وهڻ لڳي آهي: اڇوڪي سنڌ صوبي ۾ آڳاڻي ۽ اوائلي ثقافتن جا سيئي مرڪز، ڪوٽ ڏجي کان سواءِ پرچانهو ڏڙي سميت، اڇوڪي سنڌوندي جي اولهه طرف هئا، پر ندي جي ڀيٽ مٿاڦي اولهه طرف ٿيڻ سان ڪوٽ ڏجي ۽ چانهو ڏڙو ندي

جي اوپر طرف نظر اچڻ لڳا آهن: ۽ چو ته اهي سيمٽي مرڪز، آمريءَ کان موهن جي دڙي تائين، نديءَ جي اولهه پاسي بلوچستان طرف هئا، تنهنڪري اهي سيمٽي مرڪز بلوچستان جي ثقافت جو حصو هئا، ۽ تنهنڪري اڃوڪي سنڌ جو اهو سڄو اولهاڙو حصو بلوچستان جي واڌ واري ايراضي هو جنهن جي بولي ۽ ڪاڇر سان اڃوڪي سنڌ صوبي جي اوپراڻي حصي جو ڪوبه تعلق نه هو: انهن بلوچي دڙن ۾ موهن جي دڙي سميت اڃوڪي سنڌي بوليءَ جو بڻ بنياد گولهڻ هڪ اجائي ڪوشش آهي چو ته انهن دڙن جي لکيتن جي چاپي بلوچستان جي دراوڙ بوليءَ ۾ آهي، ۽ اڃوڪي سنڌ صوبي جي اڃوڪي سنڌي بوليءَ جي چاپي ڪچ، ڪاٺياواڙ، گجرات، ماروار ۽ راجستان ۾ آهي، پر اهي ٻئي ڳالهيون اڃوڪي سنڌ صوبي ۾ رهندڙ فقط عرب ۽ پٺاڻ جاتيون تڏهن بہ نه مڃنديون جڏهن آمريءَ کان موهن تائين وارن دڙن مان دراوڙ بوليءَ ۾ پڙاڏا پڌ با، ۽ جڏهن ڪچ، ڪاٺياواڙ، گجرات، ماروار، ۽ راجستان مان ديوناگري اسڪرپٽ ۾ لکيل سنڌيءَ جا پراڻا ۽ اڻ ڀائا ڪتاب ملندا.

سيمٽڪ ماڻهن ـ عربن ـ جي آخري حڪمران گهراڻي ـ عباسي ڪلهوڙن ـ جنهن سنڌ تي حڪومت ڪئي تنهن سنڌ جي ايراضي اتفاق سان تقريبن اها ساڳي هئي جا اڃوڪي سنڌ صوبي جي ايراضي آهي جنهن جي ڪنهن بہ حصي سان انهن عرب عباسي ڪلهوڙن جو بنيادي طرح ڪوبہ تعلق نه هو: جڏهن انهن عرب عباسي ڪلهوڙن کان حڪومت ٽالپرن ورتي جيڪي بلوچ هئڻ ڪري اڃوڪي سنڌ صوبي جي فقط اولهاڙي حصي جا اصلوڪا رهاڪو هئا تڏهن اهو فقط اتفاق هو ته انهن عرب ڪلهوڙن کان حڪومت وٺڻ ڪري ٽالپر بلوچ اڃوڪي سنڌ صوبي جي انهيءَ اوپراڻي حصي جا بہ حاڪم ٿي ويا جنهن پاسي ڪچ، ڪاٺياواڙ، گجرات، ماروار ۽ راجستان هئڻ ڪري

اهي نج ٻوليون هيون جن سان بلوچي ۽ براهوئي ٻولين جو ڪوبه واسطو نه هو: ۽ پوءِ جڏهن انگريزن اچي اچوڪي سنڌ صوبي جي ايراضيءَ کي بامبي سان ڳنڍيو، تڏهن اهو فقط اتفاق هو جو اچوڪي سنڌ صوبي جو اولهاڙو حصو بلوچستان سان لاڳو هئڻ جي باوجود وري به انهيءَ ايراضيءَ سان ڳنڍجي ويو جنهن پاسي اچوڪي سنڌ صوبي جي اوپراڻي حصي، ڪچ، ڪاٺياواڙ، گجرات، مارواڙ، ۽ راجستان واريون اهي نج ايراضيون هيون جن سان بروهين ۽ بلوچن جو ڪوبه تعلق نه هو: انهن ڳنهي اتفاقن ۽ حادثن کي اتفاق ۽ حادثا سمجهڻ بدران اچوڪي سنڌ صوبي جي ايراضيءَ جي ثقافتي وحدت يا سيٻتائي ايڪتا جون نشانيون سمجهڻ، — اهو آهي مٿو هيٺ ۽ پير مٿي ڪري سرڪس وارو ڪمال ڏيکارڻ: ۽ اهو سرڪس وارو ڪمال اچوڪي سنڌ صوبي واري ايراضيءَ ۾ رهندڙ فقط اهي ماڻهون ڏيکاريندا آيا آهن جن اچوڪي سنڌ صوبي جي اولهاڙي يا اوپراڻي حصي مان ڪنهن به حصي ۾ ڪوبه اصلوڪو حق نه هئڻ جي باوجود به اچوڪي سنڌ صوبي جي ٻنهي حصن تي حڪومت ڪئي، حڪومت ڪندي نج سنڌي ٻولين مٿان عربي فارسي گاڏڙ ٿاڦي انهيءَ گاڏڙ کي سنڌي ٻوليءَ جو نالو ڏنائون، ۽ حڪومت وڃائڻ کان پوءِ انهيءَ عربي فارسي گاڏڙ واري سنڌي ٻولي ڳالهائڻ جو فائدو وڻي اعلان ڪيائون ته سنڌي فقط اهو آهي جيڪو پنهنجي گهر ۾ اها عربي فارسي گاڏڙ واري سنڌي ڳالهائي، ۽ ائين اچوڪي سنڌ صوبي واري ايراضيءَ جي انهن لکين اصلوڪن رهاڪن کان به انهيءَ ايراضيءَ جي اصلوڪي رهاڪو هئڻ جو حق ڪسي ورتائون جيڪي پنهنجن گهرن ۾ انهيءَ ايراضيءَ جون نج ٻولين — ٻيلڪي، ڪولهڪي، مينگهواڙي، اوڊ، گجراتي، ڪاٺياواڙي، ڪچي، باگڙي، براهوئي، بلوچي، سرائڪي، ميمڻي، مارواڙي، ۽ راجستاني — ڳالهائيندا هئا.

ترقي ڪيل ٻولين مان هر هڪ ٻوليءَ ۾ لفظ 'ماهر'

تمام گهٹي سوچ ۽ سمجهه سان فقط ڪن خاص ماڻهن لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي، ۽ ايم اي يا پي ايچ ڈي تي هرڪو ماڻهون پنهنجي سبجيڪٽ جو ماهر نه سڏبو آهي؛ پر اچوڪي سنڌ صوبي واري ايراضيءَ ۾ اچوڪي سنڌي ٻوليءَ ۾ پي ايچ ڈي ڪيل هر هڪ ماستر سنڌي ٻوليءَ جو 'ماهر' سڏبو آهي: سنڌي ٻوليءَ جي انهن ماستري 'ماهرن' مان اڄ تائين ڪنهن ماستري ماهر سنڌي پڑهندڙن کي ڪڏهن اچوڪي سنڌي ٻوليءَ جو ڪو نقص ٻڌايو آهي؟ ائين ڪيئن ٿو ٿي سگهي ته سڄي جهان جي هزارين ٻولين مان فقط اچوڪي سنڌ صوبي واري اچوڪي سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪو هڪڙو به نقص نه هجي؟ دنيا جي هر هڪ ستريل ٻوليءَ جا استاد ــ جن کي اچوڪي سنڌ صوبي ۾ 'ماهر' چيو ويندو آهي ــ پنهنجن پڑهندڙن کي پنهنجي ٻوليءَ جا گڻ ۽ اوگڻ سمجهائيندا آهن، چگايون ۽ نقص ڈيکارينداآهن، ۽ قوت ۽ ڪمزوريون ثابت ڪندا آهن؛ پر اچوڪي سنڌ صوبي ۾ اچوڪي سنڌي ٻوليءَ جا ماستري 'ماهر' فقط هڪڙو ئي راگ بلڪل چوٽ چڑهيل تان ۾ آلاپيندا آهن ته 'سنڌي ٻولي دنيا جي عظيم ترين، قديم ترين ۽ شاهوڪار ترين ٻولين مان هڪ آهي'. شاهوڪار ترين ٻولين مان؟ اينسائڪلو پيڈيا برٽينيڪا جي پندرهين ايڈيشن وارا لڪن ٿا ته 'سنڌي (ٻوليءَ) ۾ وڈو تعداد عربي ۽ فارسي ٻولين مان اڌارا ورتل لفظن جو آهي جيڪو مسلمانن جي صدين جي اثر ڪري آهي'، ــ سو جيڪڈهن اها اچوڪي سنڌي ٻوليءَ جي شاهوڪاريت آهي ته سنڌي ٻوليءَ جا 'آهي ماستري 'ماهر' اچوڪي سنڌ صوبي ۾ رهندڙ ماڻهن کي چو نه ٿا ٻڌائين ته ٻوليءَ جي غربت چا کي چئبو آهي؟ قديم ترين ٻولين مان؟ اينسائڪلو پيڈيا برٽينيڪا جي پندرهين ايڈيشن وارا لڪن ٿا ته 'سنڌي (ٻولي) فارسيءَ جي هڪ نموني ۾ عربي ا ب ت alphabet سان لکي ويندي آهي'، ــ سو جيڪڈهن اها ٻوليءَ جي قديم هئڻ جي نشاني آهي ته سنڌي ٻوليءَ جا اهي

ماستري 'ماهر' اڇوڪي صوبي ۾ رهندڙ ماڻهن کي ڇو نه ٿا ٻڌائن ته پولين جي نئين هڇ جون کوڙيون نشانيون آهن؟ عظيم ترين پولين مان؟ پر جڏهن دنيا جي هرهڪ عظيم ترين پوليءَ ۾ ڪو نقص، ڪا ڪمي، ڪا گهٽتائي يا ڪا وڏ آهي، ته سنڌي پوليءَ جا اهي ماستري 'ماهر' اڇوڪي سنڌ صوبي ۾ رهندڙ ماڻهن کي اڇوڪي سنڌي پوليءَ جو ڪو هڪڙو نقص به ڇو نٿا ٻڌائين؟ اهي سيئي سوال فقط تڏهن اٿن ٿا جڏهن انهن بنيادي حقيقتن کان انڪار ٿو ڪيو وڃي ته اڇوڪي سنڌ صوبي ۾ عربن، ايرانين، منگولن، افغانن، مغلن، ارغونن ۽ ترخانن جي ناهيل عربي فارسي گاڏڙ واري اڇوڪي سنڌي پولي اڇوڪي سنڌ صوبي جي اصلوڪي پولين مان ناهي، ـــ ته اڇوڪي سنڌ صوبي واري ايراضيءَ جي اوپراڻي حصي جون اصلوڪيون پولينون پيلاڙي، مينگهواڙي، اوڊڪي، ڪچي، ڪاٺياواڙي، گجراتي، ميمڻي، ماروارڙي، ۽ راجستاني پولينون آهن،ـته اڇوڪي سنڌ صوبي واري ايراضيءَ جي اصلوڪي پولين جو اسڪرپٽ به اهو ناهي جيڪو انگريزن اڇوڪي سنڌ صوبي ۾ رهندڙ عربن، ايرانين، افغانن، مغلن، ارغونن، ۽ ترخانن جي اولاد کي اصلوڪي سنڌ صوبي جي ايراضيءَ جي اصلوڪن رهاڪن جا نمائندهه سمجهي، انهن عربن، ايرانين، افغانن مغلن، ارغونن ۽ ترخانن جي عربي فارسي گاڏڙ واري اسڪرپٽ کي اڇوڪي سنڌ صوبي جي ايراضيءَ تي مڙهيو، ـــ ته اڇوڪي سنڌ صوبي جو اصلوڪو ادب اهو ناهي جيڪو عربن، ايرانين، افغانن، ارغونن، ترخانن، ۽ منگولن جي نسلن پنهنجي عربي فارسي گاڏڙ واري پوليءَ ۾ لکي انهيءَ کي 'فلاڻي سيد واري سنڌي' ۽ 'فلاڻي مخدوم واري سنڌي' جو نالو ڏنو ۽ جنهن کي پوءِ سنڌي پوليءَ جي ماستري 'ماهرن' اڇوڪي سنڌ صوبي واري ايراضيءَ جي اصلوڪي پولي ۽ اصلوڪي سنڌي ادب جو نالو ڏيئي پاڻ کي دانشورن، عالمن، محققن، علامن ۽ علم جي اڪابرن ۾ ڳڻائي

سنڌ صوبي ۾ ٻولي ۽ ادب سان تعلق رکندڙ هرهڪ ڪاتي، هرهڪ اداري، هرهڪ ڪاميٽيءَ، هرهڪ جلسي ۽ هرهڪ جلوس ۾ صدارتي ڪرسي، چيئرمئن جي ڪرسي، ڊائريڪٽر جي ڪرسي، سيڪريٽريءَ جي ڪرسي ۽ ميمبر جي ڪرسيءَ تي قبضو ڪيو، ۽— تہ اڄوڪي سنڌ صوبي واري ايراضيءَ جو اصلوڪو ادب اهو آهي جيڪو اڄوڪي سنڌ صوبي جي اوپراڻي حصي ۽ اوپراڻي طرف ڪچ، ڪاٺياواڙ، گجرات، مارواڙ، ۽ راجستان ۾ ديوناگريءَ اسڪرپٽ ۾ لکيو ويو هو. جنهن کي مذهبي لکت ۽ ادب جي وچ ۾ تفاوت جي سڌ ناهي، سو اڄوڪي سنڌ صوبي واري ايراضيءَ ۾ عربي فارسي گاڏڙ واري سنڌي يا عربي يا فارسيءَ ۾ ايم. اي يا پي. ايچ. ڊي ڪرڻ ڪري پاڻ کي سنڌي، عربي ۽ فارسيءَ جو ماهر سمجهي سنڌي ادب جي تاريخ لکندو آهي— ۽ هي اهي تاريخ نويس آهن جن اڄوڪي سنڌ صوبي واري ايراضيءَ جي اصلوڪن رهاڪن— بروهي، بلوچ ۽ اڄوڪي سنڌ صوبي جي اوپراڻي حصي ڪچ، ڪاٺياواڙ، مارواڙ ۽ گجرات جي اصلوڪن رهاڪن— جو ذهن منجهائي اڄوڪي سنڌ صوبي واري ايراضيءَ جي اصلوڪي جاتين، اصلوڪي ٻولين، ۽ اصلوڪي ادب کي اهڙن غلط پيرن تي بيهاريو آهي جو اڄوڪي سنڌ صوبي ۾ رهندڙ هرهڪ اصلوڪو ماڻهون مڪلي، منصورهم، ۽ عربي ۽ فارسي ڪتاب ڏسي منجهيو پئي تہ اهو سندس پنهنجو ثقافتي سرمايو ڪيئن ۽ ڪڏهن ڪان ٿيو.

آڪاڻي دور ۾ سنڌو نالو انهيءَ ايراضيءَ تي هو جا اڄ سرحد صوبو ۽ سرحد صوبي لڳ اوپراڻو افغانستان آهي، ۽ انهيءَ زماني ۾ اڄوڪي سنڌ صوبي واري ايراضي انهيءَ حصي ۾ هئي جا ساويرهم سڏبي هئي؛ پوءِ اهڙو دور آيو جنهن ۾ اتراڻي پنجاب، سرحد صوبي، ۽ اتراڻي بلوچستان واري ايراضي سنڌو سڏبي هئي، ۽ انهيءَ زماني ۾ اڄوڪي سنڌ صوبي واري

ايراضي ساويرهه ايراضيءَ جو حصو هئي: ۽ پوءِ اهڙو دور آيو جنهن ۾ اچوڪو بلوچستان، اچوڪي سنڌ صوبي جي اولهاڙي حصي سميت سنڌو سڌبو هو، ۽ انهي زماني ۾ اچوڪي سنڌ صوبي جو اوپراڙو حصو ساويرهه ايراضيءَ جو حصو هو: انهن حقيقتن جي انهن نالي چڙهيل عالمن، دانشورن، ۽ محققن کي کڻي خبر جيڪي پنهنجن مان ڪي هڪ ٻئي جي ناهيل ڪاميٽين تي ٽاڪيل ميمبر ٿي ويڻ ۽ ويندي وقت ٿي اي ۽ ڊي اي وٺي وڃڻ جا عادي هجن: ۽ انهن حقيقتن جي انهن کي به کڻي خبر جيڪي کو به حق نه هئڻ جي باوجود اچوڪي سنڌ صوبي واري ايراضيءَ تي ڪيئي صديون حڪومت ڪري حڪومت وڃائڻ کان پوءِ سنڌيت جو چوغو پائي پاڻ کي معتبر سنڌي ثابت ڪرڻ لاءِ ڏينهورو گهمائڻ لڳا ته اچوڪي سنڌ صوبي جا اصلوڪا رهاڪو ته فقط ٻيل، ڪولهي، ۽ مينگهواڙ هئا.

ڏکڻ ايشيا جي تاريخي نقشن کي تاريخي دورن مطابق ٻيهاري انهن تي فقط هڪ نظر ڦيرائڻ سان ئي سمجهي سگهجي ٿو ته ڏرتيءَ جي اها ايراضي جنهن کي اڄ سنڌ صوبو چيو وڃي ٿو تنهن تي سنڌ نالو ڪيئن پيو، پر ۱۸۴۳ع کان اڄ تائين اچوڪي سنڌ صوبي جي حدن اندر لکيل تواريخن ۾، ۽ سنڌ بابت لکيل انهن تواريخن ۾ به جيڪي ۱۹۴۷ع کان پوءِ ٻارت ۾ لکيون ويون آهن، اهڙو تاثر ڏنل آهي ته ڏرتيءَ جي اها ايراضي جا اڄ سنڌ صوبو آهي سا اها ساڳي ايراضي آهي جا آڳاٽي زماني ۾ سنڌو Sindhoo نالي سان سڏبي هئي: انهيءَ غلط تاثر جو ئي نتيجو آهي جو اچوڪي سنڌ صوبي جي ايراضيءَ کي آڳاٽي سنڌ چئي ان جي حدن ۾ ڪڏهن پنجاب ۽ بلوچستان جا حصا به ڏيکاريا ويا آهن ته ڪڏهن ان ۾ افغانستان ۽ ايران جا حصا به شامل ڪيا ويا آهن، ۽ ڪڏهن ان جا واپاري تعلق نيئرايسٽ Near East ـ جنهن ۾ اولهاڙي ترڪي ۽ اولهاڙي ايران جي

وچ وارا علائقا اچيو وڃن ـ تائين ٻه پهچايا ويا آهن تہ ڪڏهن ان جا ثقافتي اثر ميڊيٽيرنين سمنڊ Mediterranean Sea جي اوپر ۽ اولهہ جي وچ وارن ملڪن گريس ۽ اٽليءَ معرفت يورپ تائين ٻه ڏيکاريا ويا آهن. انهن غلط ڳالهين ۽ انهن غلط ڳالهين جي غلط تاثر سنڌين جـو ذهن ڪجهہ اهـڙو موڙي ۽ مروڙي ڇڏيو آهي جـو اڄ ڪو ٻه سنڌي اهو پڌڻ لاءِ ٻه تيار ناهي تہ اڄوڪو سنڌ صوبو اها ايراضي نہ هئي جا آڪاڻي زماني ۾ سنڌو نالي سان سڏبي هئي: پر جيڪڏهن سنڌ ۽ سنڌ جي تواريخ کي انهيءَ مخـولبازي واري تـواريخ hysterical histrionics مان ڪيڏو آهي، ۽ سنڌ، سنڌين، سنڌي ٻولي، سنڌي ادب، ۽ سنڌ جي تاريخ کي عـزت واري مقام تـي پهچائڻو آهي، تہ پهرين پنهنجن ذهنن مان آهي اڪاءُ inhibitions کيڀي ڇڏڻا پوندا جيڪي سنڌين جـي ذهنن ۾ سندن انهن نـام نهاد so called عالمن، ماهرن، دانشورن، محققن، تاريخ نويسن، ۽ اڪابرن ويهاريا آهـن جـن کي سندن پنهنجي حيثيت، ڪرسـي، ڪيسو، ۽ سندن پنهنجو ذاتي مستقبل تاريخي حقيقتن کان وڌيڪ پيارو آهي،—— ۽ پوءِ تاريخ ۾ پوئتي موٽندي اتان شروعات ڪرڻي پوندي جتان ڏکڻ ايشيا جي تاريخ جي شروعات ٿئي ٿي.

جڏهن سموري ڌرتي اڃان برف سان ڍڪيل هئي، تڏهن اتر امريڪا، يوريشيا، ۽ آفريڪا ۾ اهي شڪليون ظاهر ٿيون جن اڄڪلهہ هلي گهوڙي، چوپائي مال، هاٿي، ۽ اٺ جو روپ ورتو: اهو دور هينيون برفاني Lower Pleistocene دور هو ۽ انهيءَ دور جي آخر ڌاري جيڪي جبل ظاهر ٿيا تن ۾ همالياهہ جا جبل، يورپ جا ائلپس Alps ، ۽ امريڪا جا نيبرئسڪن Nebrascan ٻه هئا: برف نرم ٿيڻ ۽ برف جي چرڻ جو اهو سلسلو وچين برفاني Middle Pleistocene دور ۽ دير واري برفاني Late Pleistocene دور ۾ بـه جاري رهيو: اهو سڄو

برفاني Pleistocene دور اڄ کان اٽڪل ڏهه هزار ورهه اڳ ختم ٿيو ۽ عيسائي ورهه کان فقط اٺ هزار ٿي سؤ ورهه اڳ برف پنهنجي اڇوڪي جاءِ ورتي: انهيءَ برفاني دور ۾ انسان ڏرتيءَ تي موجود هو جنهن ۾ سندس پهرين شڪل وڏو باندر هو جنهنجي مونگولوئڊ Mongoloids ٽولي چائنا ۾، اتفاق سان يا چاڻي واڻي، باهه به استعمال ڪئي هئي: جنهن وقت اڄ کان فقط چاليهه هزار ورهه اڳ جي ويجهو وڏن ۽ ڳرن جانورن آفريڪا ۽ ڏکڻ ايشيا ۾ گهٽجڻ شروع ڪيو تنهن وقت انسان پنهنجي وڏي باندر واري شڪل کان پرتي ٿيڻ جي شروعات ڪري عيسائي ورهه کان پنجٽيهه هزار ورهه اڳ جي ويجهو اڇوڪي انسان جو روپ ورتو: ائين انسان پنهنجي اوائلي شڪل Homo Erectus مان بدلجي پنهنجي اڇوڪي روپ Homo Sapiens ۾ آيو: انهيءَ وڏي باندر واري شڪل کان اڇوڪي انسان واري روپ تائين پهچندڙ انسان جي رهڻي ڪرڻي پٿر واري Paleolithic، پٿر جي وچولي Mesolithic، صاف ۽ چمڪدار پٿر Neolithic، پٿر ۽ تامي واري Chalcolithic، تامي ۽ پتل واري Bronze Age، ۽ لوهه واري Iron Age انهن مختلف دورن ۾ ورهايل آهي جيڪي سڀئي مختلف دور دنيا جي مختلف جاگرافيائي حصن ۾ مختلف وقتن تي آيا: ڏرتيءَ تي انسان جي اڄ تائين گهاريل سموري زندگيءَ جو نوانوي سيڪڙو حصو فقط پٿر واري دور ۾ ئي گذريو آهي، ۽ اهو پٿر وارو دور ڏرتيءَ جي سموري برفاني دور جو فقط پهريون حصو ڇڏي آخري ٻن حصن ۾ وڌيو ۽ ساماڻو آهي: ۽ برفاني زماني جي انهيءَ پٿر واري دؤر جي انسان جا جاگرافيءَ جي بنيادن تي پنج قسم هئا جيڪي ڏرتيءَ جي مختلف حصن تي موجود آهن: هڪڙا ڪاڪيسوئڊس Caucasoids آهن جيڪي يورپ ۽ ايشيا ۾ موجود هئا ۽ برف هٽڻ کانپوءِ ڪيترن ئي

موقعن تي هندستان کنڊ ۾ داخل ٿيا ۽ اڄ به سڄي هندستان نديءَ کنڊ تي پکڙيل آهن، ۽ هي اتر افريڪا ۽ صحارا ۾ به داخل ٿيا ۽ هنن مان ئي اهي قومون آهن جيڪي يورپ ۾ به ۽ ايران کان هاڻوڪي پاڪستان تائين سڄي ڏاکڻي اولهه ايشيا ۾ گهٽائيءَ ۾ آهن: ٻيا آسٽرولوئڊس Austroloids آهن جيڪي جاوا، انڊونيشيا، ۽ ڏاکڻي اوڀر ايشيا ۾ هئا ۽ جن مان ڪي پوءِ مونگولوئڊس طرفان ڏکيڙ تي هندستان نديءَ کنڊ ۾ داخل ٿيا ۽ جيڪي شڪل شبيهه ۾ ڪاڪيسوئڊس جهڙا ئي آهن: ٽيان مونگولوئڊس Mongoloids آهن جيڪي چائنا جي چو-ڪو-ٽين Chou-kou-tien واري ايراضيءَ ۾ هئا: چوڻان آفريڪا جا ڪئپوئڊس Capoids آهن: ۽ پنجان ڪونگوئڊس Congoids آهن جن ۾ نيگرو Negro ۽ پگمي Pigmy به اچيو وڃن: هندستان نديءَ کنڊ ۾ نسل مطابق سڀ کان پهرين نيگرائٽس Negrites آيا، پوءِ پروٽو - آسٽرولوئڊس Proto-Austroloids آيا جيڪي آسٽرولوئڊس Austroloids جو اڳوڻو روپ هئا، پوءِ ميڊيٽيرانينس Mediterranean آيا جيڪي هاڻي دراوڙ يا درئويڊينس Dravidians سڏبا آهن ۽ جيڪي ميڊيٽيرنين سمنڊ جي چوڌاري وارن ملڪن اسپين، مورڪو، اتراڀي ايجپٽ، اتراڀي ليبيا، ازرعيل، سيريا، اولهاڀي ترڪي، گريس، ۽ اتليءَ طرفن کان پر خاص ڪري مورڪو، اتراڀي ليبيا، ۽ اتراڀي ايجپٽ کان آيا ۽ جن کي سڌي تواريخ نويسن فقط ڏاکڻي هندستان جا قديم رهاڪو سڏي سڌ جي تواريخ سان هٿ چراند ڪندي سڄي ڏاکڻي ايشيا جي تواريخ ابتي ڪري ڏيکاري آهي، پوءِ منگولوئڊس Mangoloids آيا، ۽ پوءِ ويسٽرن برڪيسيفلس Western Brachycephals آيا: ماڻهن جا اهي مختلف نسل مختلف وقتن تي هندستان نديءَ کنڊ ۾ داخل ٿي پکڙجڻ ۽ ٻيڪون ٿاڻڻ لڳا: پٿر واري اوائلي دور جي ٻيڪن جا نشان

افغانستان ۾ سرحد ۾، اتراڀي پنجاب جي پهاڙي ٽڪرين ۾، سوئن ۽ بياس ماڻرين Soan and Beas Valleys ۾، راجستان ۽ مالوهه، کان مدراس تائين، ۽ اڇوڪي سنڌ صوبي ويجهو فقط وچولي ڪڇ ۾، اتراڀي ڪانڀاواڙ ۾، ۽ بامبي واري ايراضيءَ ۾ آهن: سڄو وچولو پنجاب، اتر کان ڏکڻ تائين، ۽ سڄو اڇوڪو سنڌ صوبو انهن نشانن کان خالي آهن: صاف ظاهر آهي ته انهيءَ زماني ۾ اڇوڪي سنڌ صوبي واري ايراضيءَ ۾ جيڪڏهن کي ماڻهون آيا هوندا ته اهي فقط ڪڇ ۽ ڪانڀاواڙ کان آيا هوندا، ۽ اهي ماڻهون اڇوڪي سنڌ صوبي جي فقط اوپراڀي ڏکڻ پاسي اڇوڪي ٿر ايراضيءَ ۾ آيا هوندا جن جي بينڪن جي نشانن جي نه ملڻ جو سبب فقط سنڌ جي تواريخ نويسن ۽ آرڪيولوجسٽن جو اهو بنيادي فلسفو آهي جنهن کين فقط اتر، اتراڀي اولهه، ۽ اولهه طرف ڏسڻ ۽ اڇوڪي سنڌ صوبي کي فقط انهن ئي ٽنهي طرفن سان گنڊيڻ سيکاريو آهي: ٿر واري وچولي دور جي بينڪن جا نشان وچولي ۽ ڏاکڻي هندستان، اتراڀي اولهه پاڪستان، افغانستان، ۽ اڇوڪي سنڌ صوبي ويجهو فقط ڪڇ ۽ ڪانڀاواڙ ۾ آهن: سڄو پنجاب اتر کان ڏکڻ تائين ۽ اڇوڪو سڄو سنڌ صوبو اهڙن نشانن کان خالي آهن، جنهن مان ظاهر آهي ته اڇوڪي سنڌ صوبي واري ايراضيءَ جو تعلق انهيءَ زماني ۾ جيڪڏهن کنهن ايراضيءَ سان هو ته اها ايراضي فقط ڪڇ ۽ ڪانڀاواڙ واري ايراضي هئي: ٿر واري آخري دور جي بينڪن جون نشانيون افغانستان ۽ سرحد ۾ آهن: ۽ اڇوڪي سنڌ صوبي ويجهو اهڙا نشان ڪڇ کان هلندي وچولي راجستان تائين، گجرات کان هلندي اوپراڀي راجستان تائين، ۽ ڏاکڻي هندستان جي اولهاڀي ساموندي ڪناري تي بامبي ايراضيءَ ۾ آهن: ۽ اڇوڪي سنڌ صوبي اندر اهي نشان فقط اولهاڀي ڏکڻ واري ساموندي

ڪنڊ متان شروع ٿي اولهاڙو پاسو وڻي سنڌو نديءَ جي اولهه پاسي رهندي ۽ اتر ڏانهن وڌندي اچوڪي اتراڀي سنڌ ڏانهن هلن ٿا؛ سڄو پنجاب اتر کان ڏکڻ تائين بلڪل خالي آهي؛ اچوڪي سنڌ صوبي اندر اولهاڙي ڏکڻ واري سامونڊي ڪنڊ متان شروع ٿي، اولهاڙو پاسو وڻي سنڌو نديءَ جي اولهه پاسي ۽ بلوچستان جي پهاڙن جي اوپراڀي پاسي رهندي اتر ڏانهن وڌندي، اچوڪي اتراڀي سنڌ جي هيٺئين پاسي تائين هلندڙ اهي نشان ٻڌائين ٿا تہ اچوڪي سنڌ صوبي جي اولهاڙي ايراضي ۽ فقط اولهاڙي ايراضي انهيءَ زماني ۾ ہ فقط بلوچستان جي واڌ extension واري ايراضي هئي جنهن زماني ۾ سڄو پنجاب اتر کان ڏکڻ تائين اڃان هڪ خلاء void هو؛ ۽ اچوڪي سنڌ صوبي جي اوپراڀي حصي سان لڳ ڏکڻ ۽ ڏاکڻي اوپر ۾ ڪڇ کان وچولي راجستان وينڊز، ڏاکڻي اولهه ۾ گجرات کان اوپراڀي راجستان وينڊز، ۽ ڏکڻ ۽ ڏاکڻي اوپر ۾ ڀي سموري بامبي ايراضيءَ وارا گهاٽا نشان ٻڌائين ٿا تہ اچوڪي سنڌ صوبي جي اوپراڀي ايراضي ۽ فقط اوپراڀي ايراضي انهيءَ زماني ۾ ہ فقط ڪڇ، ڪاٺياواڙ، گجرات، مارواڙ، ۽ راجستان وارين ايراضين جي واڌ واري ايراضي هئي جنهن زماني ۾ سڄو پنجاب اتر کان ڏکڻ تائين اڃان هڪ خلاء هو؛ جيڪڏهن اچوڪي سنڌ صوبي جي اوپراڀي حصي ۾ انهن ٻيٽڪن جا نشان نہ ملڻا آهن تہ انهيءَ جو وڏو سبب اچوڪي سنڌ صوبي جي تواريخ نويسن ۽ آرڪيولوجسٽن جي پنهنجي اصليت ۽ فطرت آهي جنهن ڪين فقط اتر، اتراڀي اولهه، ۽ اولهه طرف اڪيون ڪٻائي اڪيون نٻڪائڻ تائين محدود رکيو آهي؛ ۽ هي اهو زمانو هو جڏهن وچولي هندستان جي مڊيه پرديش ايراضيءَ جي اولهاڙي حصي ۾ ـ جيڪو حصو گجرات ۽ ڪاٺياواڙ ۽ ڪڇ سان ٻيٽڪن جي نشانن ڪري گنديل هو ـ تنهن ۾ ڪتو، ٻڪر، رڍ، مينهن، سوئر، ۽ سڳن

وارا چوپايا bos indicus موجود هئا: اها سوچ ـ ته انهيءَ زماني ۾ اچوڪي سنڌ صوبي جي ڏاکڻي اوپر حصي ۽ ڪڇ يا ڪاٺياواڙ جا ماڻهون ويڙهين رستي اچوڪي سنڌ صوبي جي ڏاکڻي اولهه ڪناري وارن ماڻهن سان لهه وچڙ ۾ هئا ـ هڪ غلط ۽ فقط عام سنڌي پڙهندڙ ماڻهن کي پنهلائي خوش فهميءَ ۾ مبتلا ڪرڻ واري سوچ آهي، جو ته انهيءَ زماني ۾ بہ ۽ گهڻو ۽ تمام گهڻو پوءِ تائين بہ ڪابہ ويڙهي سنڌوندي‌ءَ يا عربي سمنڊ ۾ نہ لٿي هئي؛ سنڌي تواريخ نويسن جو اهو شونق ـ ته ڏاکڻي بلوچستان تان لهي اچوڪي سنڌ صوبي جي ڏاکڻي اولهه ڪناري ۽ پوءِ هوريان جبلن سان لڳولڳ ۽ ندي‌ءَ سان گڏ اترائي سنڌ ڈانهن وڌندڙ اهي ماڻهون ۽ بلوچستان ۾ رهندڙ دراوڙ ماڻهون ڪڇ يا ڪاٺياواڙ سان تعلق رکندا هئا ـ ڪنهن بہ حقيقت جي بنيادن تي ڪونهي ڇو ته بلوچستان جي ويڙهاڻن جي اوپراڻي پاسي اچوڪي سنڌ صوبي جي اولهاڻي ڏکڻ حصي ۾ رهندڙ اهي ماڻهون بلوچستان ۾ اولهه طرف کان آيا هئا ۽ هن ماڻهن جو انهيءَ دنيا سان ڪو بہ واسطو نہ هو جا اچوڪي سنڌوندي‌ءَ جي اوپر پاسي وسيل هئي؛ اچوڪي سنڌ صوبي جي بنهي حصن جي بن مختلف آبادين جي بن مختلف ڪلچرن کي آڳاڻي زماني کان ئي هڪ وجود one entity ڏيکارڻ جي ڪوشش جيڪڏهن ڪنهن سائنسي حقيقت کي ريتي ٿي ته تواريخ نويسن کي انهيءَ پنهنجي ڪوشش تان ئي هٽ ڪڻي ڇڏڻ گهرجي، پر سنڌي تواريخ نويس انهيءَ غلط ڪوشش تان هٽ ڪڻ بدران مرڳو اها سائنسي حقيقت ئي ريتي ڇڏيندا آهن: پٿر واري انهيءَ آخري دور ۾ صاف ۽ چمڪدار پٿر وارو وقت هندستان نديءَ کنڊ ۾ فقط اچوڪي سنڌ صوبي جي ڏاکڻي اوپر منهن وٽ گجرات ۾ هليو جنهن حقيقت ۾ سمجهه وارن تواريخ نويسن لاءِ ۽ پڙهندڙن لاءِ پڻ نشانيون آهن، ۽ انهن نشانين کان سڀو بلوچستان اچوڪي

سنڌ صوبي سميت، سڄو راجستان، ۽ سڄو پنجاب خالي آهي:
اهي بينڪون جن جي نشانن جو تعلق پٿر ۽ ٽامي جي گاڏڙ
سان آهي سي وچولي راجستان کان ڏکري وچولي هندستان جي
مڌيه پرديش مان لنگهندي ڏکڻ ڏي لڙندي اچوکي مهاراشٽرهه
صوبي جي اولهاڙي حصي تائين اچن ٿيون، ۽ ائين اچوکي سنڌ
صوبي جي وري به ڏاکڻي اوپر منهن سامهون آهن: هي زمانو
هو جڏهن کانياواڙ ۾ لوٿل Lothal ايراضيءَ ويجهو رنگپور
هو، ڏاکڻي هندستان Ru(n)gpoor وٽ چانور Kodon Rice
جي اولهائي حصي جي چاندولي Chandoli ايراضيءَ ۾ ڪپهه
۽ سونهه‌گئون Sonuhgao(n) ايراضيءَ ۾ ڪٽڪ هئي جن کي
تواريخي دور ۾ تمام گهڻو اڳتي هلي اچوکي سنڌ صوبي جي
تواريخ نويسن پنهنجين تواريخن ۾ اچوکي سنڌ صوبي جي
ڪپهه ۽ ڪٽڪ ثابت ڪري اچوکي سنڌ صوبي جو ساموندي
واپار ميديٽيرئنين سمنڊ جي ملڪن سان انهيءَ زماني ۾ ڏيکاري
ڇڏيو جنهن زماني ۾ سڄي دنيا ۾ ڪاڄ ٻيڙي دنيا جي
ڪنهن به سمنڊ ۾ نه لٿي هئي، ڏاکڻي هندستان جي انهيءَ
اولهاڙي ڪناري تي ٿي ٿورڙو ڏکڻ ڏي هالر Hallur واري
ايراضيءَ ۾ به ڪٽڪ، ڀاجهري، ۽ چانور Kodon Rice
هئا، وچولي هندستان جي مڌيه پرديش ۾ نودتولي Navdatoli
ايراضيءَ ۾ ڪٽڪ، چانور، ڪارا چڻا lentil، مٽر green pea،
بوهي مڱ field pea، ۽ السي linseed هئا، ۽ اهو سڀڪجهه
اچوکي سنڌ صوبي جي ڏاکڻي اوپر پاسي گجرات سان لاڳيتو
ڏکڻ ۽ لاڳيتو اتر پاسي هو، ۽ بهار واري ايراضيءَ ۾ ۽ اچوکي
اولهه بنگلهه West Bengal جي مهسيدل Mahsidal ۽ پاندو
راجر ڏبي Pando Rajar Dhib واري ايراضين ۾ چانور هئا:
ٽامي ۽ پٿل جي دور جي بينڪن جي نشانين مان فقط ٽامي
جون نشانيون فقط ڏاکڻي هندستان، وچولي هندستان، ۽ کانياواڙ

۾ مليون آهن؛ فقط پٽل جون نشانيون فقط اتراڀي بلوچستان ۾ مليون آهن جنهن جي اولهه ۾ ايران ۾ به مليون آهن؛ ۽ ڏسي ۽ پٽل جون گڏيل نشانيون فقط موهن جي دڙي ۽ چانهو دڙي ۾ مليون آهن؛ اها گهالهه ـ ته ڏامو اڇوڪي سنڌ صوبي جي فقط اوپراڀي ڏکڻ پاسي ڪاٺياواڙ ۽ وچولي هندستان ۾ هو جيڪو ڏامو فقط گجرات ۽ مارواڙ واري ايراضيء ڪان ڏي موهن جي دڙي ۽ چانهو دڙي ڏائين پهچي ٿي سگهيو ـ ثابت ٿو ڪري ته اڇوڪي سنڌ صوبي جو سڄو اوپراڙو حصو وچولي هندستان ۽ ڪاٺياواڙ سان لاڳاپي ۾ هو جيڪو لاڳاپو فقط گجرات ۽ مارواڙ واري ايراضيء معرفت ئي ممڪن هو؛ ۽ اها گهالهه ـ ته پٽل اڇوڪي سنڌ صوبي جي فقط اتراڀي اولهه پاسي بلوچستان جي فورٽ منرو Fort Munro ۽ بلوچستان پريان اولهه طرف ايران ۾ هو جتان فقط بلوچستان رستي ئي اهو پٽل موهن جي دڙي ۽ چانهو دڙي پهچي ٿي سگهيو ـ ثابت ٿو ڪري ته اڇوڪي سنڌ صوبي جو سڄو اولهاڙو حصو بلوچستان سان لاڳاپي ۾ هو؛ ۽ اهي ٻئي گهالهيون ثابت ٿيون ڪن ته جيڪڏهن اڇوڪي سنڌ صوبي جي ڏاکڻي اوپر حصي، ڪچ، ڪاٺياواڙ، گجرات، مارواڙ، ۽ وچولي هندستان جو ڪوبه تعلق اڇوڪي سنڌ صوبي جي ڏاکڻي اولهه حصي، ڏاکڻي اولهه بلوچستان، يا بلوچستان سان هجي ها ته ڪاٺياواڙ ۽ وچولي هندستان جو ڏامو اڇوڪي سنڌ صوبي جي ڏاکڻي اولهه حصي ۽ بلوچستان ضرور پهچي ها، ۽ بلوچستان جي فورٽ منرو ۽ ايران وارو پٽل ڪاٺياواڙ ۽ وچولي هندستان ضرور پهچي ها؛ ۽ هي اهو زمانو هو جڏهن اڇوڪي سنڌ صوبي جي اتر پاسي پنجاب ۾ هڪ اهڙو وڏو خال هو جيڪو جاگرافيء ۽ تواريخي نقشن تي ظاهر هوندي به سنڌي تواريخ نويسن لاء غائب آهي جو پنجاب ۾ انهيء خال جي وجود مڃڻ سان هڙاپهه وسندي Harappa Civilisation ۽ هڙاپهه ڪلچر واري اها بنياد ئي

ڏهيو پئي جنهن بنياد تي انهن سنڌي تواريخ نويسن پنهنجي انڊس سولائيزيشن Indus Civilisation جو ڪاڪ محل ڪڙو ڪيو آهي: لوهه واري دور جي بيٺڪن جون نشانيون فقط اترپرديش ـ اڇوڪي هندستان جي اتراڀي حصي ـ ۾ ٿانون تي رنگ جي روپ ۾ مليون آهن ۽ باقي سموري هندستان نديو ڪنڊ خالي آهي: هي اهي دور هئا جن ۾ مڙدا دفن ڪرڻ جي نشانين سان ڊاڪٽو هندستان ۽ اولهاڙو بلوچستان پريل ۽ سٽيل آهي، وچولي هندستان ۾ به دفنائڻ جون ڪي نشانيون آهن، ڪي نشان ديڙ ۽ سوات ۾ به آهن، پر باقي سموري هندستان نديو ڪنڊ خالي آهي.

انين پٺر واري دور جي آڳاٽي حصي ۾ به اتراڀي آفريڪا جي بيابانن جا ماڻهون ايجپت لٽاڙي عربيا پهچي پن گروهن ۾ ورهائجي ويا: هڪڙو گروهه نيئر ايسٽ ـ ازرعيل، جوردن، لبنان، سيريا، ۽ ڊاڪٽي ٽرڪيءَ کان يورپ ـ ڊانهن وڌي ويو، ۽ ٻيو گروهه اوپر ڊانهن وڌندي ايران ۽ افغانستان لٽاڙي هندستان نديي ڪنڊ ۾ داخل ٿي سرحد صوبي تائين محدود ٿي ويو ڇو ته انهيءَ زماني ۾، اڄ کان ويهه هزارورهه اڳ تائين به، سموري اتر پرديش، سموري پنجاب، سموري راجستان، ۽ اڇوڪي سڄي سنڌ صوبي واريون ايراضيون انساني زندگيءَ جي جڳاءَ خلاف واريون ايراضيون هٽ ڪري انهن ۾ رهڻ يا انهن مان لنگهڻ ناممڪن هو: سو ماڻهن جو اهوگروهه هندستان نديي ڪنڊ ۾ داخل ٿي سرحد صوبي تائين محدود ٿي ويو ۽ اتي ئي بيٺڪون ناهي پکڙجڻ لڳو ڇو ته انهيءَ زماني ۾، اڄ کان ويهه هزار ورهه اڳ تائين به، ميڊيٽيرئنين سمنڊ تان سيريا، عراق، ايران، افغانستان، ۽ سرحد صوبي تائين هڪ پٽي وانگي هڪ لاڳيتي ايراضي هئي جا انساني زندگيءَ جي جڳاءَ لاءِ سهوليت واري هئي: انهيءَ زماني ۾، اڄ کان ويهه هزار ورهه اڳ تائين به سڄي هندستان نديي ڪنڊ ۾ فقط سموري

ڏاکڻي هندستان کان وچولي هندستان تائين ۽ ڏاکڻي ڪناڏاواڙ کان سڏو اوپراڻي هندستان تائين واريون ايراضيون انساني زندگيءَ کي جڙاءُ لاءِ سهوليت ڏيندڙ هيون جن تي ماڻهن جا گروهه چاڙيل هئا، ۽ باقي سموري هندستان ننڍو ڪنڊ سموري اترپرديش، سموري پنجاب، سموري راجستان، ۽ اڇوڪي سڄي سنڌ صوبي سميت انساني زندگيءَ جي جڙاءُ خلاف واري ايراضي هو: ائين، اڄ کان ويهه هزار ورهه اڳ تائين ٻه پنجاب جي اتراڻي اولهه طرف سرحد ۽ اوپراڻي افغانستان ۾ ماڻهون هئا، ۽ اڇوڪي سنڌ صوبي جي ڏاکڻي اوپر پاسي ڏاکڻي ڪناڏاواڙ ۽ سموري ڏاکڻي هندستان ۾ ماڻهون هئا، ۽ گجرات ۽ مارواڙ پريان وچولي هندستان ۾ ماڻهون هئا: اڇوڪو سڄو سنڌ صوبو، سموري پنجاب، سموري اترپرديش، ۽ سموري راجستان پاڙيءَ هيٺ هئا.

پوءِ اڇوڪي سنڌ صوبي جي آجي ٽيڙ جي شروعات ٿي، پر اها شروعات هڪ سلسلو process هئي، ۽ نه ائين ٿي جيئن عام طرح سمجهيو ويندو آهي ته سموري پنجاب جو سڄو پاڻي ڏوڪيندو اڇوڪي سنڌ صوبي ۾ گهڙيو ۽ اڇوڪو سڄو سنڌ صوبو لتاڙيندي ڏوڪيندو سمنڊ ڏي وڃي سمنڊ ۾ ڪريو ۽ هڪ سهڻي صبح جو سڄي جڳ ڏٺو ته سموري پنجاب ۽ اڇوڪو سڄو سنڌ صوبو چلڪيا پئي: آجي ٽيڙ جو اهو سلسلو هڪڙي گندي گپ، بينل پاڻي، ۽ انهيءَ گپ ۽ بينل پاڻيءَ وچان وهندڙ پاڻيءَ جي وهڪرن جو هڪ مختلف شڪل ونڊ جو سلسلو هو: اڇوڪي سنڌ صوبي ۾ سڀ کان پهرين نگرپارڪر واريون ڪارونجهر ٽڪريون ظاهر ٿيون جيڪي اڇوڪي سنڌ صوبي ۾ ڏاکڻي اوپر طرف آهن ۽ جن جي اوپر کان ڏکڻ تائين راجستان، مارواڙ، گجرات، ڪچ، ۽ ڪناڏاواڙ جون ايراضيون آهن: اڇوڪي سنڌ صوبي ۾ پهرين مانجهند، بيداپور، ۽ سن سامهون الڪيءَ واريون ٽڪريون مان رڻيءَ ڪوٽ واريون ٽڪريون، گهڻو پوءِ الڪي ۽

جھمپير جون چن واريون ٹکريون، تنهن کان پوءِ ٽاڻي بولا خان ۽ کيرٿر جا جبل، ۽ پوءِ منچر جون ٽکريون ظاهر ٿيون، ۽ ائين اچوڪي سنڌ صوبي ۾ ڊاڪٽي اوپر جي فقط کارونجهر ٽکرين جي آجي ٽيڪ کان پوءِ اهو آجي ٽيڪ وارو سلسلو ڊاڪٽي اولهه طرف کان شروع ٿي اچوڪي سنڌ صوبي جي اتراڀي اولهه ڊي مٿي وڌڻ لڳو: اچوڪي سنڌ صوبي ۾ ڊاڪٽي اولهه طرف کان شروعات ڪري اچوڪي سنڌ صوبي ۾ اتراڀي اولهه ڊانهن وڌندڙ اهو آجي ٽيڪ وارو سلسلو آرڪيولوجيڪل نقطهءِ نظر کان ڊاڪٽي بلوچستان وارين ايراضين جي اوپراڀي ايراضين ۽ وچولي بلوچستان وارين ايراضين جي اوپراڀي ايراضين جي آجي ٽيڪ وارو هلندڙ سلسلو هو، ۽ تواريخي نقطهءِ نظر کان به ائين ئي هو ڇو ته اهي بلوچستان جا ئي ماڻهون هٿا جيڪي انهن جبلن کان اوپر طرف هيٺ اچوڪي سنڌ جي ڊاڪٽي اولهه ۽ اولهه واربن آجيون ٽيندڙ ايراضين ڊانهن لهندا آيا؛ ۽ اچوڪي سنڌ صوبي جي ڊاڪٽي اوپر پاسي جو آجو ٽيڪ آرڪيولوجيڪل نقطهءِ نظر کان ڪچ، ڪاٺياواڙ، گجرات، مارواڙ، ۽ راجستان وارين ايراضين جي آجي ٽيڪ واري هلندڙ سلسلي جي ڪڙي هو، ۽ تواريخي نقطهءِ نظر کان به ائين ئي هو ڇو ته اهي ڪچ، ڪاٺياواڙ، گجرات، مارواڙ، ۽ راجستان جا ئي ماڻهون هٿا جيڪي اچوڪي سنڌ صوبي جي ڊاڪٽي اوپر ۾ نگرپارڪر جي کارونجهر ٽکرين جي ظاهر ٽيڪ کان پوءِ اچوڪي سنڌ صوبي جي آجي ٽيڪ ڊاڪٽي اوپر ۽ اوپراڀي حصي ۾ وڌندا آيا: اچوڪي سنڌ صوبي ۾ جيڪي به آرڪيولوجيڪل ڪوششون archaeological efforts ٽيون آهن سي سڀئي اچوڪي سنڌ صوبي کي اتر، اتراڀي اولهه، ۽ اولهه سان ڳنڍيڻ جي ڪوشش ڪندڙ تواريخ نويسن جي تواريخن جي بنياد تي هٿ ڪري اچوڪي سنڌ صوبي جي ڊاڪٽي اوپر ۽ اوپراڀي ايراضين کان پري رکيون ويون آهن: ڇو

ته تواريخ ۾ اڳتي هلي اچوڪي سنڌ صوبي جي ايراضيءَ جي ذهن تي اثر، اثراڻي اولهه ۽ اولهه طرفن کان ايندڙ ايراني، عرب، افغان، مغل، ارغون ۽ ترخان ماڻهن جو ٻهرين قبضو encroachment، ٻوءِ حاڪميت، ۽ ٻوءِ وري قبضو رهيو، ۽ ڇو ته اهي ئي ماڻهون اچوڪي سنڌ صوبي جي آدمشماري جي وڏي حصي جي ذهن تي قابض رهيا، تنهنڪري اچوڪي سنڌ صوبي جي تواريخ نويسن پنهنجن پڙهندڙن تي اچوڪي سنڌ صوبي جي اوائلي ۽ آڳاڻي عظمت جي ساک ويهارڻ لاءِ اثر، اثراڻي اولهه، ۽ اولهه طرفن کان آيل انهن قابضن، حاڪمن، ۽ وري قابضن کي اچوڪي سنڌ صوبي جا اصلوڪا رهاڪو ظاهر ۽ ثابت ڪرڻ لاءِ پنهنجيون نظرون ۽ پنهنجا ذهن سدائين انهن ئي طرفن ڏي رکيا جن طرفن کان اهي قابض، ٻوءِ حاڪم، ۽ ٻوءِ وري قابض آيا؛ ۽ ڇو ته اثر، اثراڻي اولهه، ۽ اولهه طرفن کان آيل اهي ماڻهون تواريخ ۾ اڳتي هلي اچوڪي سنڌ صوبي واري ايراضيءَ ۾ ئي رهيا، تنهنڪري اچوڪي سنڌ صوبي جي ايراضيءَ ۾ پنهنجي رهڻ جي حيثيت متاهين رکڻ لاءِ هنن اچوڪي سنڌ صوبي واري ايراضيءَ اندر لکيل تواريخن ۽ انهن تواريخن جي آڌار تي کيل آرڪيولوجيڪل کوشش جو رخ اثر، اثراڻي اولهه، ۽ اولهه طرفن کان هٽڻ ۽ کنهن به ٻئي پاسي لڙڻ ئي نه ڏنو؛ ۽ اهو ئي سبب آهي جو اچوڪي سنڌ صوبي ۾ آرڪيولوجيڪل کوشنون مڏيون، ۽ تواريخ نويسن طرفان انهن آرڪيولوجيڪل کوشنن جي پڙهت interpretation انهيءَ کاڻي اٽ جهڙي رهي آهي جيڪو وات ويندي وات جي ٻنهي پاسي ٻيلل فصلن مان فقط انهيءَ پاسي واري فصل ۾ منهن هٽندو ويو جنهن پاسي واري سندس اک ڏسي ٿي سگهي: فقط اهو چوڻ ته عيسائي ورهه کان ويهه هزار ورهه اڳ تائين به ملتان واري ايراضيءَ ۾ پاڻي هو، تواريخ نويسن ۽ پڙهندڙن کي

اهو سمجهڻ ٿي مجبور ڪيو ڇڏي ٿا انهيءَ زماني ۾ ملتان کان مٿي سمورو پنجاب آجو ٿي آباد ٿي ويو هوندو ۽ سرحد ۽ اتراڀي بلوچستان جا ماڻهون ضرور اتراڀو پنجاب آباد ڪندي اتر پرديش پهچڻ لڳا هوندا، پر اها سموري سوچ غلط آهي چو ٿا انهيءَ زماني ۾ سڄو پنجاب بند خلاء هو جيتوڻيڪ پنجاب جي اوپر پاسي اچوڪي اتر پرديش يا آگهاڙي يو پي Upper Provinces واري ايراضي آجي ٽيڪ لڳي هئي جتي اوپراڀي هندستان ۽ وچولي هندستان جا ماڻهون پهچڻ ۽ ٻيڪون ڏاهڻ لڳا هئا: انڪري حالتن هيٺ سرحد صوبي ۽ اوپراڀي افغانستان تائين پهتل ماڻهون هندستان ننديي ڪنڊ اندر فقط اتراڀي اولهه طرف وڌي ٿي سگهيا جا سرحد سان لاڳيتي هئي، يا فقط اتراڀي بلوچستان مان ٿي لنگهندي ڏاکڻي بلوچستان تائين اچي ٿي سگهيا جتان اچوڪي سنڌ صوبي جي اولهاڀي جابلو حصي تي ٻه لهي ٿي سگهيا ۽ ايران پاسي ٻه لهي ٿي سگهيا: هي اهو زمانو هو جڏهن فقط ۽ فقط سڄي پنجاب، سرحد، بلوچستان، اچوڪي سڄي سنڌ صوبي، ڪڇ، ۽ ڪاٺياواڙ کان سواءِ باقي سمورو هندستان ننڍو ڪنڊ زرعي حيثيت وٺي ويو هو، جنهن جو مطلب آهي تا سرحد ۽ بلوچستان تائين پهتل ماڻهون اڃان سرحد ۽ بلوچستان جي اوپراڻين ايراضين ۾، پنجاب ۽ اچوڪي سنڌ صوبي جي اولهاڀي ايراضين تي، مچي، پکي، ۽ جانور جي شڪار تي گذر ڪري رهيا هئا: انهيءَ زماني ۾ ڏاکڻو هندستان، سري لنڪا، بنگلهه، ڪاٺياواڙ جو ڏاکڻو حصو، ۽ وچولي هندستان جي مڊيم پرديش واري ايراضي اهڙين قدرتي حالتن ۾ هئا جو انساني زندگي لاءِ سُکيءَ واري وقت ۾ چگهائيءَ وارا هئا: ۽ سرحد ۽ اتراڀي افغانستان سميت ايران جي مٿين وچ واري ايراضيءَ سوڌو اولهاڀي ايران ڪان اڳتي عراق، سيريا، ازرعيل، لبنان، ۽ ميڊيٽيرنين سمنڊ جي پين ملڪن مورڪو، اتراڀي ليبيا،

اتراڻي ايجپٽ، ڏاکڻي ۽ اولهاڻي ترکي، گريس، اٽلي، ۽ ڏاکڻن فرانس ۽ اسپين جي ايراضيءَ وارا حصا اهڙين قدرتي حالتن ۾ هئا جو انساني زندگيءَ لاءِ آلي وقت ۾ چڱائيءَ وارا هئا، ۽ انهن ئي ملکن مان ميڊيٽيرنين سمنڊ جي چوڌاري وارن ملکن مورئڪو، اتراڻي ليبيا، اتراڻي ايجپٽ، ازرعيل، لبنان، سيريا، ڏاکڻي ۽ اولهاڻي ترکي، گريس، اٽلي، ڏاکڻن فرانس ۽ اسپين، ۽ عراق وارين ايراضين ۾ ڀڪر، رڍ، اٺ، چوپايو مال، ڪونج Goose، سوئر، گڏهه، ۽ سڱن وارو جانور Horn موجود هئا: انهيءَ زماني ۾ اڃوڪو سنڌ صوبو، ڪڇ، راجستان جو اولهاڙو حصو، ۽ اتراڙو ڪاٺياواڙ انساني زندگيءَ لاءِ چڱائيءَ وارا نه هئا، جا نشاني آهي تہ جڏهن اتراڻي ڪاٺياواڙ، گجرات، مارواڙ، ۽ ڪڇ ساهه پٽيو تڏهن ڏاکڻي ڪاٺياواڙ تائين آيل ماڻهن ۽ وچولي هندستان جي مڌيه پرديش تائين پهتل ماڻهن ڏي اتراڻي ڪاٺياواڙ، ڪڇ، گجرات، ۽ مارواڙ ۾ قدم رکيا ۽ اڃوڪي سنڌ صوبي جي ڏاکڻي اوپر حصي جي آجي ٿيڻ تي اڃوڪي سنڌ صوبي جي اوپراڻي حصي ۾ داخل ٿيا: ۽ هي ماڻهون ڏي اڃوڪي سنڌ صوبي جي اوپراڻي حصي جا پهريان ۽ اصلوڪا رهاڪو هئا جن کي تواريخ جي ايندڙ مختلف دورن ۾ اولهه، اتراڻي اولهه، ۽ اتر طرفن کان آيل ايراني، عرب، افغان، منگول، مغل، ارغون، ۽ ترخان نسل جي ماڻهن اڃوڪي سنڌ صوبي ۾ پنهنجا مفاد حاصل ڪرڻ لاءِ ۽ حاصل ڪيل مفادن کي قائم رکڻ لاءِ تواريخ جي مختلف دورن ۾ پنهنجن مختلف فلسفن هيٺ مختلف الزام هڻي اڃوڪي سنڌ صوبي جي ايراضيءَ مان يا لوڏي ڪڍيو يا وڃڻ تي مجبور ڪيو يا اهڙي زندگي گهارڻ تي مجبور ڪيو جا اڃوڪي سنڌ صوبي اندر عام وهڪ کان الڳ ۽ پري هجي، ۽ جن مان فقط پيل، ڪولهي، ۽ ميگواڙ پڌرا آهن جو انهن ڏنهي جاتين پنهنجو ڪلچر نه

چڏي اهڙي زندگي گهارڻ قبول ڪئي جا اچوڪي سنڌ صوبي جي عام وهڪ کان الڳ ۽ پري هجي، ۽ اهي پڌرا نہ آهن جن اولهه، اولهاڙي اثر، ۽ اثر طرف کان آيل ماڻهن جي اثر هيٺ پنهنجي ڪلچر تان هٿ ڪڍي انهن ٻاهران آيل ماڻهن ۾ ئي شامل ٿي ويا.

عيسائي ورهه کان ٻارنهن هزار ورهه اڳ اچوڪي سنڌ صوبي جو اثراڻو حصو آجو ٿيڻ لڳو: عيسائي ورهه کان ڏهه هزار ورهه اڳ لاڙڪاڻي تائين وارو حصو آجو ٿيو، ۽ انهيءَ وقت لاءِ اچوڪي سنڌ صوبي جا تواريخ نويس چون ٿا تہ سنڌ ۾ رهندڙ ماڻهون گهڻو ڪري مڇي ٿي گذر ڪندا هئا ۽ پڪي پڙ ڦاسائيندا هئا ۽ اهي ماڻهون سنڌ ۾ پنجاب ۽ بلوچستان کان آيا هئا ۽ شايد ڏکڻ هندستان کان آيا هئا۔ ۽ اها گالهه ڪندي اهي تواريخ نويس هڪڙو تہ اهو نٿا ٻڌائين تہ کهڙي ايراضيءَ کي هو سنڌ ٿا چون، ٻيو تہ اهو نٿا ٻڌائين تہ اچوڪي سنڌ صوبي جي کهڙي ايراضيءَ ۾ پنجاب جا ماڻهون، کهڙي ايراضيءَ ۾ بلوچستان جا ماڻهون، ۽ کهڙي ايراضيءَ ۾ ڏکڻ هندستان جا ماڻهون آيا، ٽيون تہ ڏکڻ هندستان مان آيل ماڻهن جي باري ۾ لفظ شايد استعمال ڪري پنجاب ۽ بلوچستان مان آيل ماڻهن جي باري ۾ خاطري ڏيندي ٻہ اهو نٿا ٻڌائين تہ پنجاب جا ماڻهون ڪيئن، ڪٿي، ۽ ڪٿان آيا ۽ بلوچستان جا ماڻهون ڪيئن، ڪٿي، ۽ ڪٿان آيا، چوٿون تہ اهو بہ نٿا ٻڌائين تہ انهيءَ زماني ۾ پنجاب جي حالت ڇا هئي جڏهن انهن سنڌي تواريخ نويسن جي پنهنجي چئي مطابق اچوڪي سنڌ صوبي ۾ اڃان پاڻي ٻيڙل هو جيڪو ائين لهڻ شروع ٿي ويو هو جيئن اچوڪو سنڌ صوبو هڪ رکابي هئي جنهنجو اثراڻو حصو انهن تواريخ نويسن پاڻ پنهنجن هٿن سان مٿي ڪري رکابيءَ ۾ پريل سمورو پاڻي رکابيءَ کان هيٺ ڏاکڻي حصي ڏي وهائڻ شروع

کيو هجي، ۽ جڏهن دنيا جي تواريخي نقشن مطابق سجو پنجاب اڄلن بند خلاء هو جنهن ۾ اڄان کوبہ ماڻهون داخل نہ ٿيو هو جيڪو انهن سنڌي تواريخ‌نويسن‌کي خوش ڪرڻ لاءِ اچوڪي سنڌ صوبي ۾ داخل ٿيو هجي؛ ۽ جيتوڻيڪ انهيءَ زماني ۾ ڊاڪٽي ڪائناواڙ تائين ۽ وچولي هندستان ۾ ماڻهون هئا، ۽ جيتوڻيڪ اچوڪي سنڌ صوبي جو سڀ کان پهرين ڊاڪٽو اوپر حصو ظاهر ٿيو هو، اهي سنڌي تواريخ نويس ڊڪٽ هندستان مان آيل ماڻهن جي باري ۾ لفظ شايد استعمال ڪري فقط بلوچستان تائين آيل انهن ماڻهن جي تواريخ کي ئي سنڌ جي تواريخ جو نالو ڏيندا آيا آهن جيڪي بلوچستان جي پهاڙن جي اوپراڻي لاهن تي مچي، پکي، ۽ جانور شڪار ڪندا هئا: ايندڙ پنج سؤ ورهن اندر رک استيشن ڏائين جي ايراضي آجي ٿي، ۽ ائين ايندڙ وڏيڪ پنج سؤ ورهن ۾ عيسائي ورهه کان نوَ هزار ورهه اڳ هالا جي اتر طرف تائين واري ايراضي آجي ٿي وئي هئي، ــ ۽ اها سموري ڳالهه به ائين پڌايل آهي جيئن اتراڻي پنجاب کان اچوڪي سنڌ صوبي جي ڊڪٽ طرف سمنڊ تائين سموري ايراضي هڪ رڪاوٽ هئي جا اتراڻي پنجاب واري ڪنڊ‌کان ائين مٽي کڄيل هئي جو سجي پنجاب جو پاڻي اتراڻي حصي کان لهي اچوڪي سنڌ صوبي مان ڏوڪيندو هيٺ ڊڪٽ ڏي وڃي سمنڊ ۾ ڪريو، ــ پر ائين نہ هو، ــ اهو پاڻي، گپ، ۽ آلاڻ کان آجي ٿيڻ جو هڪ وڏو ۽ ڊگهو سلسلو هو جيڪو اتراڻي پنجاب کان وٺي اچوڪي سنڌ صوبي جي ڊاڪٽي ساموندي ڪناري تائين، ۽ اچوڪي هندستان ۾ اتر پرديش جي به اتراڻي حصي کان آسام، بهار، ۽ بنگال تائين، سموري ايراضيءَ جي پکيڙ ۾ ائين پئي هليو جو هر ڪنهن نديي ايراضيءَ ۾ پاڻيءَ کان پرتي واري ايراضي پهرين ۽ پاڻيءَ ويجهو واري ايراضي پوءِ پي آجي ٿي، مٿانهين زمين پهرين ۽ هيٺائين زمين پوءِ پي آجي ٿي، ۽ پاڻيءَ جي وهڪ‌ڙ کان

پرتي واري زمين پهرين ۽ انهن وهڪرن ويجهو واري زمين
پوءِ پئي آجي ٿي، ۽ ائين انهن وهڪرن ويڪر ۾ ننڍا ۽
تعداد ۾ گهٽ ٿيندي تاريخ ۾ اڳتي هلي ندين جو روپ ورتو،
۽ چوتم سمنڊ ۾ آخر تائين به مختلف وهڪرن مان پاڻي پوندو
رهيو جن وهڪرن جو تعداد هڪ ڊگهي عرصي تائين گهٽجندو
رهيو، ٽنهنڪري اچوڪي سنڌ صوبي جي ڊاڪٽي حصي واري
پکيڙ اچوڪي سنڌ صوبي جي ايراضيءَ اندر سڀ کان آخر ۾
آجي ٿي ۽ اهو سمورو وقت ڊاڪٽي اولهه ڪنڊ کي ڊاڪٽي
اوپر ڪنڊ کان ڊار رکندي ڊاڪٽي اولهه ڪنڊ تائين پهتل
بلوچستان جي ماڻهن کي ڊاڪٽي اوپر ڪنڊ کان، ۽ ڊاڪٽي اوپر
۾ پهتل ڪاٺياواڙ، گجرات، ڪچ، ۽ مارواڙ جي ماڻهن کي
ڊاڪٽي اولهه ڪنڊ کان ڊار رکندي آئي: هي اهو وقت هو
جڏهن اوائلي شڪارين جا ٽولا ڏکڻ امريڪا ۾ پکڙجڻ لڳا
هئا: امريڪا ايران پٿر جي اوائلي دور ۾ هو جڏهن يوريشيا
جا ملڪ - يورپ ۽ ايشيا جو لاڳيتو حصو - پٿر جي وچولي دور ۾
پهتا هئا: انسان جي ترقيءَ لاءِ پٿر جي اوائلي دور paleolithic
کان پٿر جي وچولي دور Mesolithic ڈانهن وڌڻ ترقيءَ ڈانهن
وڌڻ هو، پر اقتصاديات Economics جي گهرجن جي لحاظ
کان اهو هڪ قدم پوئتي وڃڻ هو ڇو ته پٿر جي اوائلي دور
۾ جا شڪار پويان هليو وڃڻ جي آزادي هئي سا آزادي
پٿر جي وچولي دور ۾ اڇڻ سان محدود ٿيي ٿي وئي جو انسان
اتي ئي رهڻ ٿي لڳو جتي سندس ڪاج هو ۽ ائين پٿر جي
وچولي دور جي ماڻهوءَ جي رهڻي ڪرڻي سندس پنهنجي دور
جي بورچيخاني تائين محدود ٿي وئي جنهن ۾ سندس گذران به
گهٽو ڪري چلرن وارين مڇين تائين محدود هو:

عيسائي ورهه کان اٺ هزار ورهه اڳ گذريل هڪ هزار
ورهن ۾ نيئر ايسٽ Near East جي ملڪن ترڪي، سيريا،
ازرعيل، لبنان، جورڊن، عراق، ۽ بالڪن ملڪن بلگاريه،

رومانيهه ، هنگري ، آسٽريا ، يوگوسلاويهه ، ۽ گريس جي ايراضين ۾ جانور پلجڻ لڳا ، ڪڪ ۽ جَوَ Barley ٽيڻ لڳا ، ماڻهن پٿر جي وچولي دور Mesojithic کان اڳتي وڌي پٿر واري آخري دور Neolithic ۾ پير پاتو ، ۽ اتي ۽ اتراڀي ائمريڪا ۾ بينڪون قائم ٿيڻ لڳيون : انهيءَ دور ۾ رڍ کي گهر جي اڳڻ سان هيرايو ويو هو ، ۽ انهيءَ دور جي آخري چار سؤ ورهن ۾ جوردن ۽ ازرعيل جي وچ ۾ انهيءَ بينڪ جي شروعات ٿي جا اڄ دنيا جو پهريون اهڙو شهر سڏجي ٿو جنهن جي چوڌاري ديوار هئي ، ـــ اهو شهر جيرڪو Jericho ۾ ٿهيو جيڪو طل-اسلطان Tul-es-Soolttan سڏجي ٿو : عيسائي ورهه کان اٺ هزار ورهه اڳ تائين مڊل ايسٽ Middle East جي عراق ، سيريا ، سعودي عرب ، عمان ، جوردن ، يمن ، ڪويٽ وارن ملڪن ۾ - ۽ هي اهي ملڪ هئا جن پٿر جو وچولو دور Mesolithic نالي ماتر ڏنو هو - انهن ملڪن ۾ پٿر وارو آخري دور Neolithic شروع ٿي چڪو هو جنهن کي چمڪدار نئين پٿر وارو انقلاب Neolithic Revolution چيو ويندو آهي جو هن دور ۾ ماڻهن قدرت جي قانونن اندر رهڻ واري زندگيءَ مان ڏکري قدرتي قانونن جي مدد وٺڻ ۽ قدرتي قانونن جي مدد ڪرڻ واري زندگيءَ ۾ پير پاتو ؛ جانور پالڻ ۽ پوک ڪرڻ هن دور جون مکيه بنيادي ايجادون هيون : نيئر ايسٽ ۾ - بلگاريهه ، گريس ، رومانيهه ، هنگري ، آسٽريهه ، يوگوسلاويهه ، ترڪي ، سيريا ، ازرعيل ، لبنان ، جوردن ، ۽ عراق وارين ايراضين ۾ - گڏهه ، هڪ ٽوهي وارو ڊرومڊيئري Dromdary اٺ ، بڪر ، ۽ رڍ موجود هئا ؛ هماليهه جبلن ۾ وڏو ڏيگهو Yak موجود هو ؛ وچ ايشيا ۾ - اتراڀي افغانستان ۾ ۽ افغانستان جي اتر ۾ - بن ٽوهن وارو بڪٽرين Bactrian اٺ موجود هو ؛ ڏکڻ يورپ ، نيئر ايسٽ Near East ، ايران ،

ڏاکڻي افغانستان، ڏاکڻي بلوچستان، سرحد، ۽ اڇوکي سموري هندستان Bharat ۾، فقط اوپراڻو هندستان ۽ ڏاکڻو هندستان ڇڏي، ان cereal موجود هو، ۽ اوپراڻي هندستان ۾ ۽ ڏاکڻي هندستان جي اوپراڻي پاسي پڙڻ وارو فصل root vegetables موجود هو؛ ۽ اڇوکي سڄي هندستان Bharat ۾، سواءِ اتر پرديش جي، راجستان جي اولهاڻي ۽ اتراڻي حصي جي، ۽ سواءِ هندستان جي سموري اوپراڻي حصي جي، ڏيگو Zebu، سوئر، ۽ ڪڪڙ موجود هئا؛ عيسائي ورهه کان ست هزار پنج سؤ ورهه اڳ تائين ڪتو به ماڻهونءَ سان هري ويو هو، ۽ ايندڙ پنج سؤ ورهن ۾ عيسائي ورهه کان ست هزار ورهه اڳ جي لڳ ڀڳ اناتوليا Anatolia ـ ترڪيءَ ۾ ـ ماڻهن تامي سان اوائلي تجربا ڪيا، ـــ ۽ انهيءَ دور بابت ـ انهيءَ عيسائي ورهه کان ست هزار ورهه اڳ بابت ـ لکندي سنڌي تواريخ نويس هڪڙيون پر اهڙيون گالهيون ڪندا آهن جيڪي ٻئي گالهيون هڪ ٻئي کي رد ڪندي انهن تواريخ نويسن جي پنهنجي ذهني سطح ۾ ظاهر ڪنديون آهن ۽ اها تعليمي سطح ۾ ظاهر ڪنديون آهن جنهن تعليمي سطح تي پنهنجن پڙهندڙن کي اهي تواريخ نويس ٻيهارڻ چاهين ٿا، ـــ انهن بن گالهين مان هڪڙي گالهه هي ته ـ ۽ اها گالهه سنڌي تاريخ نويس وڏي فخر سان لکن ٿا ـ ته انهيءَ عيسائي ورهه کان ست هزار ورهه اڳ واري زماني تائين اڻيئي گذري ويل هڪ هزار ورهن اندر سنڌ ۾ ڪتو، ٻکري، ۽ رڍ پاليا ويندا هئا، ـــ ۽ انهن بن گالهين مان ٻي گالهه هي آهي ته ـ ۽ اها گالهه اهي سنڌي تواريخ نويس اڃان به وڌيڪ وڏي فخر سان لکن ٿا ـ ته انهيءَ عيسائي ورهه کان ست هزار ورهه اڳ واري زماني تائين جڏهن پاڻي لهي هالا ويجهو پهتو تڏهن سنڌو ندي جي مڇيءَ ۽ ٻيلن تي ماڻهن جا انبوهه ڇڪجي آيا ڇو ته سڄي هندستان نديءَ ڪنڌ ۾ فقط سنڌ ئي اهڙو حصو هو جيڪو

ماڻهن جي سڀ کان گهاڻي انبوهه جي زندگيءَ کي سهارو ڏيئي سگهي ـــ انهن سنڌي تواريخ نويسن پاڻ انهن ٻنهي گهالهين ۾ لفظ سنڌ استعمال ڪيو آهي ۽ اهو نه ٻڌايو اٿن ته هو ڏرتيءَ جي ڪهڙي ايراضيءَ کي سنڌ ٿا چون ـــ انهيءَ زماني ۾ اڄوڪي سنڌ صوبي واري ايراضيءَ جو نالو سنڌ نه هو ـــ تواريخي دور جي شروعات ٽيٽ تي سنڌو ـ ۽ نه سنڌ ـ نالو انهيءَ ايراضيءَ تي ٻيو جا اڄوڪي سرحد وٽ هندستان نديءَ کنڊ جي اتراڀي اولهه کنڊ ۾ آهي ۽ جا ايراضي تواريخي دور جي شروعات کان گهڻو اڳي کان ـ قديم زماني کان ـ سنڌ ـ ۽ نه سنڌو ـ سڏ بي هئي ـ ۽ انهيءَ ايراضيءَ جي مڇي ۽ ٻيلن تي ماڻهن جا انبوهه ڇڪجي آيا هئا جيڪي اولهه طرف کان ايندي ايران لنگهي اتراڀي افغانستان مان سرحد ۽ اوپراڀي افغانستان تائين محدود ٿي ويا هئا ـــ سنڌي تواريخ نويسن هندستان نديءَ کنڊ جي اتراڀي اولهه واري کنڊ ۾ سرحد لڳ واري ايراضيءَ جي اوائلي نالي سنڌ جو فائدو وٺي انهيءَ ايراضيءَ جي باري ۾ لکيل هر هڪ ڇڱي گهالهه اڄوڪي سنڌ صوبي جي ايراضيءَ تي لڳائي آهي ـــ هنن تواريخ نويسن جي اها گهالهه ته سنڌ سڄي هندستان نديءَ کنڊ جي ڪنهن به حصي کان وڌيڪ انهيءَ قابل هئي جو ماڻهن جي سڀ کان گهاڻي انبوهه جي زندگيءَ کي سهارو ڏيئي سگهي واري گهالهه اڄوڪي سنڌ صوبي ايراضيءَ بابت غلط هوندي انهيءَ اتراڀي اولهه کنڊ ۾ سرحد لڳ واري قديم سنڌ بابت به غلط آهي ڇو ته سچو ڊاڪٽو هندستان وچولي هندستان سميت زرعي ٽي ڇڪو هو پر اوپراڀي افغانستان ۽ سرحد تائين پهتل ماڻهن جو ڊاڪٽي هندستان ۽ وچولي هندستان پهچڻ ناممڪن هو جو اها سموري ايراضي ـ سموري پنجاب ۽ اڄوڪي سنڌ صوبي واري ايراضي ـ اهڙي غير موافق هئي جو اها لنگهڻ ناممڪن هو ـــ اهو چوندي ته انهيءَ زماني ۾ سنڌ

اندر ڪتو، ٻڪري، ۽ رڍ پاليا ويندا هئا اهي تواريخ نويس وري
ب اهو نٿا ٻڌائين ته اها ڪهڙي سنڌ هئي ڇو ته جيڪڏهن اها
اڇوڪي سنڌ صوبي واري ايراضي هئي ته ان جو فقط اوپر وارو
حصو ئي ٿي سگهي ٿو جنهن ۾ ان زماني ۾ ڪتو، ٻڪري،
۽ رڍ هجي جو اهو حصو گجرات ۽ مارواڙ وارين ايراضين ڪري
ڪاٺياواڙ، ڏاڪڻي هندستان، ۽ وچولي هندستان کي لاگيتو هو
جن ۾ اهي جانور هئا: انهيءَ زماني ۾ اڇوڪي سنڌ صوبي واري
ايراضيءَ جو ناڙو سنڌ نه هو، ۽ اڇوڪي سنڌ صوبي واري ايراضيءَ
مان لنگهندڙ اڇوڪي سنڌو نديءَ جو ناڙو ب اڇوڪي سنڌ صوبي
واري ايراضيءَ اندر سنڌو نه هو جو انهيءَ زماني ۾ اڇوڪي
سنڌ صوبي جي ايراضيءَ اندر اڇوڪي سنڌو نديءَ يا ڪنهن ب
پي نديءَ پنهنجو رنگ ۽ روپ نه ورتو هو: سنڌ، سنڌو، سنڌو نديء
سنڌو ماڙي، انبس، انبس نديء، انبس ماڙي، ۽ انبس سولائزيشن،—
اهي اٺ اکر سنڌي تاريخ نويسن اڃڙي غلط نموني، اڃڙي غلط
معنيٰ ۾، ۽ ايترو ته گهڻو مروڙي استعمال ڪيا آهن جو دنيا
جي ڪنهن ب هنڌ ڪنهن ب ڪتاب ۾ ڪنهن ب سلسلي ۾ انهن
اٺن اکرن بابت ڪوب اکر استعمال ٿيو آهي ته اهو اکر سنڌي
تواريخ نويسن اڇوڪي سنڌ صوبي واري ايراضيءَ بابت سمجهيو
آهي؛ انهن اٺن اکرن جي انهيءَ خراب استعمال corrupt use
اڇوڪي سنڌ صوبي جي تواريخ کي ابتو ڪري سنڌي پڙهندڙن
جا ذهن منجهائي مڏا ڪري ڇڏيا آهن: اڇوڪي سنڌ صوبي مان
لنگهندڙ نديءَ تي سنڌو ناڙو ڪڏهن ٻيو، ۽ اڇوڪي سنڌ صوبي
کي ڇو سڏائين انبس ماڙي واري وسندي Indus Civilisation
ڇيو ويو آهي ۽ ڇو ڪڏهن ب سنڌو ماڙي واري وسندي
Sindhoo Civilisation نه ڇيو ويو آهي، —. اهي گهالهيون
سنڌي تواريخ نويس جاڻڻ لاءِ ب تيار نه آهن ڇو ته هنن
تواريخ نويسن جي تواريخ نويسيءَ جو جيڪو تاج محل فقط غلط

۾ ڪوڙين ڳالهين جو هوڪو ڏيڻ ۾ دهل وڄائڻ تي ٻيئل آهي سو حقيقتن جي سامهون اچڻ سان وڏو ڏڪاءُ ڪري اڇي پٽ تي ڪرندو: ايندڙ ٻن سؤ ورهن اندر عيسائي ورهم ڪان اٿهڻ سؤ ورهم اڳ تائين جيريڪو جو قلعي وارو شهر تيار ٿي ويو هو جنهن جو ٿهڻ ظاهر ٿو ڪري ته انهيءَ زماني تائين ماڻهن جي گروهن جو هڪ ٻئي جي ٻيڪن تي حملا ڪرڻ جي شروعات ٿي وئي هئي: عيسائي ورهم ڪان پنجهڻ سؤ ورهم اڳ تائين دنيا جون ڦريون ڦيون گريس ۾ ۾ گريس جي اوپر طرف ٽرڪيءَ جي ڪارن تي ظاهر ٿيون: گريس ۾ ٽرڪي جي ويجهو ڪريٽ (Cret) ٻيٽ تي ماڻهن جو ڦهڻ ظاهر ٿو ڪري ته انهيءَ ايراضيءَ ۾ ٻڌڻين جي شروعات ٿي وئي هئي: ايندڙ پنج سؤ ورهن ۾ عيسائي ورهم ڪان سڌ سؤ ورهم اڳ تائين ـــ جنهن زماني ۾ دنيا جا ڦريان ٽڪنوڙ ظاهر ٿيا ـــ ٽائلنڈ ۾ چانورن جي پوک شروع ٿي: گريس جي ڏکڻ ۾ ڪريٽ ٻيٽ ۾ آئدا Ida ڦاڙ تي ٻيڪون قائم ٿي چڪيون هيون جن کي تواريخ ۾ اڳتي هلي منوئن وسنديون/ڪلچر Culture/ Minoan Civilization چيو ويو: نائل Nile نديءَ جي ڇوڙ جي ويجهو ـ وچولي ايجپٽ ۾ نديءَ جي اولهه طرف ـ فيئم Fayum ايراضيءَ ۾ وچولي پٿر Mesolithic دور جي شڪارين هڪ ٻيڪ ڄاهي جا ايجپٽ جي ٻيڪن جي بنيادي نشاني ثابت ٿي: عراق ۾ ٽگرس ۽ يوفريٽس نديون جي ميدانن تي اهڙا گروهه ويهي ويا جيڪي پوک جو ڪم ڪندا هئا، ۽ ايجپٽ ۾ به اهڙيون زرئي ٻيڪون ظاهر ٿيڻ لڳيون: ۽ ائين پائي ۽ پوک سان تعلق رکندڙ سڀ کان اوائلي ٻيڪون عيسائي ورهم ڪان سڌ سؤ ورهم اڳ ڪان ايندڙ ڏهم سؤ ورهن اندر ڏهيون: سڌ جا تواريخ نويس ليکن ٿا ته عيسائي ورهم ڪان ايڪونجاهم سؤ ورهم اڳ تائين اڳيئي گذري ويل ٿي هزار هڪ

سؤ ورهن ۾ سنڌ، پنجاب ۽ يو پيءَ ۾ جهنگلي ريڍون Urials گهمنديون هيون ، ـــ سندن انهيءَ گهاڻهه ۾ سنڌ نالي جو ڪيترو فائدو ورتل آهي تنهن جي خبر فقط تڏهن پوندي جڏهن انهن تواريخ نويسن کان فقط ايترو پڇبو تہ سنڌ ۽ پنجاب جون اهي ڪهڙيون ايراضيون هيون جن ۾ اهي جهنگلي ريڍون گهمنديون هيون، ۽ انهن ايراضين جو نالو ڇا هو؛ هندستان نديي ڪنڊ جي اٽاڻين حصي ۾ فقط يو پي ـ جا اڳي يونائٽيڊ پراونسز هئي ۽ هاڻي اتر پرديش آهي ـ سا ۽ انهيءَ سان لاڳو اڇوڪي هندستان واري پنجاب جو بہ فقط اوپراڻو حصو انهي زماني ۾ زندگيءَ کي جڏهن ڏينڊز هئا ـ پنجاب جي انهيءَ نيڍڙي اوپراڻي حصي کي پنجاب چئي پڙهندڙن کي اهو ڪوڙ قبول ڪرڻ لاءِ تيار ڪرڻو آهي تہ انهيءَ زماني ۾ اڇوڪي سنڌ صوبي ۾ بہ جهنگلي ريڍون هونديون، پر حقيقت اها آهي تہ انهيءَ زماني ۾ باقي سموري پنجاب ۽ اڇوڪي سموري سنڌ صوبي وارين ايراضين ۾ ڪي بہ جهنگلي ريڍون نہ هيون، ۽ انهيءَ زماني ۾ سنڌ نالو انهيءَ ايراضيءَ جو هو جنهن کي اڄ سرحد صوبو ۽ افغانستان جون اوپراڻيون ايراضيون چئبو آهي جتي انهيءَ زماني ۾ گهاٽا ٻيلا هئڻ ڪري جهنگلي جانور هئا؛ انهيءَ زماني ۾ باقي رهيل سڄي پنجاب ۽ سموري سنڌ ۾ ڪجهہ بہ نہ هو سواءِ گپ ۽ وهندڙ پاڻيءَ جي نارن جي: پوڪ جو ڪم گريس ۽ ٽرڪيءَ جي ڪنارن تان وڏندي ۽ ڊئنيوب نديءَ سان گڏ هلندي عيسائي ورهہ کان پنجاهہ سؤ ورهہ اڳ تائين هنگري Hungary پهتو، ۽ ميڊيٽرينين سمنڊ کان هلندي فرانس پهچي ويو: ائين سڀ کان اوائلي بينڪون جيڪي ٿهيون سي سڀئي عيسائي ورهہ کان پنجاهہ سؤ ورهہ اڳ تائين اڳيئي گذريل ٿيهہ سؤ ورهن اندر ٿهي ويون هيون؛ انهيءَ زماني لاءِ سنڌ جا تواريخ نويس چون ٿا تہ سنڌ ۽ باوچستان جي وقتي قسم جي بينڪن جو هڪ

روپ some form of periodical settlements هو جن جو گذران پٽر جي ذريعي پوک ڪرڻ سان هو، ۽ هنن وٽ ڪي جانور هٿا جن جي هو سار لهندا هئا، ۽ پوءِ چون ٿا ته عيسائي ورهه کان پنجاهه ورهه اڳ تائين اڪثر گذريل پنجاهه سؤ ورهن ۾ ـــ جو ته سڄي دنيا جا تواريخ نويس عراق، سيريا، ۽ ايجپٽ جي اوائلي بينڪن کي اڪثر گذريل فقط ٽيهه سؤ ورهن اندر قائم ٿيل ٻڌائن ٿا تنهنڪري سنڌ جا تواريخ نويس اڃوڪي سنڌ صوبي جي ثقافت کي سڄي دنيا کان وڌيڪ قديم ثابت ڪرڻ لاءِ اڪثر گذريل پنجاهه سؤ ورهن جي ڳالهه ٿا ڪن ـــ اڃوڪي سنڌ صوبي جي ڊاڪٽي ٽڪرين ۾ منڇر جي پسگردائيءَ ۾ ۽ ڪراچيءَ ويجهو نديون گروهن جون گهٽيئي اهڙيون بينڪون هيون جيڪي خوراڪ جي ڳولها ۾ هڪڙي هنڌان ٻئي هنڌ پيون ٽيندیون ۽ جن جا گهر ڪڪائيون جهوپڙيون ۽ ڪڍهن ڪڍهن پٽرن سان جڙيل گهر به هٿا جن کي مٽان ڪكن ۽ گاهه سان ڍڪيو ويندو هو، ـــ سنڌ جي تواريخ نويسن جي اها سموري ڳالهه ٽن ڏهني مونجهارن تي ٻڌل آهي ـــ پهريون ته سنڌ جا تواريخ نويس اڃوڪي سنڌ صوبي کي قديم ۽ تمام گهڻو قديم ثابت ڪرڻ جي شونق ۾ انهيءَ زماني ۾ اڃوڪي سنڌ صوبي اندر ڊاڪٽي ٽڪرين ۾ منڇر جي پسگردائي ۽ ڪراچيءَ جي ڳالهه ڪري رهيا آهن جڏهن هندستان نديڙي ڪنڊ جي سڄي اوپراڻي حصي ۾ ماڻهون اڃا فقط انهيءَ سرحد صوبي ۽ اوپراڻي افغانستان واريءَ ايراضي تائين محدود هٿا جا ايراضي اڳتي هلي سنڌو سڌ جڻ لڳي، ۽ ماڻهون اڃان بلوچستان ۾ به داخل نه ٿيا هٿا جو اڃوڪي سنڌ صوبي جي اولهاڙي حصي ۾ ڪراچي يا منڇر يا ڪنهن به ايراضيءَ ۾ لهن ـــ پيو ته انهيءَ عرصي جي پوئين حصي ۾ سرحد صوبي ۽ اوپراڻي افغانستان واري سنڌو ايراضيءَ ۾ ماڻهن جي واڌ ٽيڻ تي ماڻهون جڏهن بن طرفن

ڏانهن وڌڻ لڳا ـ هڪڙا سرحد صوبي جي اتر پاسي گلگت ايراضيءَ ڏي ۽ ٻيا سرحد صوبي جي ڏکڻ پاسي اتراڀي بلوچستان ۾ داخل ٿي ڏاکڻي بلوچستان تائين پهچڻ لڳا ـ تڏهن بلوچستان ۾ آيل انهن ماڻهن جي بلوچستان ايراضيءَ ۾ ڪي ناهيل بيٺڪن کي اڇوڪي سنڌ صوبي جي ايراضيءَ اندر ناهيل بيٺڪون ظاهر ڪيو ويو آهي ـــ ۽ ٽيون تہ انهيءَ سڄي گهالهه ۾ اڇوڪي سنڌ صوبي واري ايراضيءَ جي انهيءَ اوپراڀي حصي جي ڪابہ گهالهه ناهي جنهن پاسي اڳتي هلي انهن ٻولين جنهن ورتو جن ٻولين کي اڳتي هلي سرائڪي، پيلاڙي، مينگهواڙي، ڪڇي، ڪاٺياواڙي گجراتي، ماروڙي، ۽ راجستاني ٻوليون چيو ويو ۽ جن ٻولين جي لفظن کي تواريخ ۾ اڃان بہ اڳتي هلي عربي ايراني گاڏڙ واري گاري ۾ لنبي سنڊي ٻوليءَ جو نالو ڏيئي اڇوڪي سنڌ صوبي واري ايراضيءَ تي ٽڪيو ويو ۽ ٻوءِ تواريخ ۾ اڃان بہ اڳتي هلي اڇوڪي سنڌ صوبي جي پنهنجي ٻوليءَ جو درجو ڏيئي اڇوڪي سنڌ صوبي تي مڙهيو ويو ـــ ڇو تہ انهيءَ پاسي ـ اڇوڪي سنڌ صوبي جي اوپراڀي پاسي ـ ڪوجنا ڪرڻ سان سنڌ جي انهن تواريخ نويسن جي رنگ ۾ پنگ پئجيو وڃي جن پنهنجا ڏهني ۽ نسلي ناتا اولهه، اتراڀي اولهه ۽ اتر طرف هٽ ڪري تواريخ نويسي گهٽ ۽ تواريخ سازي وڌيڪ ڪئي آهي؛ انهيءَ سڄي معاملي ۾ بلوچستان جي نالي سان سنڌ جو نالو گڏيو ٻوءِ اڇوڪي بلوچستان صوبي جي حقيقتن کي اڇوڪي سنڌ صوبي واري ايراضيءَ جون حقيقتون ڪري لکي وڃڻ وارو فن فقط سنڌ جي تواريخ نويسن کي ورثي ۾ مليل آهي: تواريخ جو بنياد انساني فطرت جي سمجهه آهي؛ اوائلي ۽ آڳاٽي دورن جا اهي ماڻهون جيڪي جبلن کان ڀري هٽا سي جبلن کان خوف کائيندي انهن جي ويجهو وڃڻ کان ڇرڪندا هٽا، ۽ فقط جبلن تي ٻهتل ماڻهون ڏي جبلن تان هيٺ لهندا

ايندا هئا؛ اها سوچ ته اچوڪي سنڌ صوبي جي اوپراڻي حصي جا ماڻهون اولهاڻي حصي جي پهاڙن ويجهو پهتل هئا، اوائلي ۽ آڳاٽي انسان جي فطرت ڪي رد ڪرڻ جي برابر آهي جيڪو ڪم سنڌي تواريخ نويس ٿي پنهنجي تواريخ نويسيءَ ۾ ڪندا آيا آهن؛ بنان پڙائڻ جي ته اچوڪي سنڌ صوبي واري ايراضيءَ جا اصلوڪا ماڻهون ڪير هئا ۽ ڪٿان ۽ ڪهڙين ايراضين ڪان آيا هئا، فقط ايترو چوڻ ته اچوڪي سنڌ صوبي جي ڊاڪٽي ٽڪرين ۾ منچر جي پسگردائيءَ ۾ ڪراچيءَ ويجهو سنڌن ٻيڪون هيون، ـــ اهڙين تواريخن اچوڪي سنڌ صوبي واري ايراضيءَ اندر رهندڙ اچوڪي هر هڪ جاتيءَ کي موقعو ڏنو آهي ته پنهنجو پاڻ کي سنڌي سڏائي اچوڪي سنڌ صوبي واري ايراضيءَ جي اصلوڪن رهاڪن کي غير سنڌي ثابت ڪري اچوڪي سنڌ صوبي واري ايراضيءَ مان ڪڍي ڇڏي؛ فقط هڪڙو سوال ـــ ته تواريخ ڪنهن جي پئي لکجي، اچوڪي سنڌ صوبي واري ايراضيءَ جي، يا اچوڪي بلوچستان صوبي واري ايراضيءَ جي ـــ انهن تواريخ نويسن کي منجهائي ڇڏيندو جيڪي فقط اها حقيقت ٽارڻ لاءِ ته اچوڪي سنڌ صوبي واري ايراضيءَ جي اولهاڻي حصي جا اصلوڪا ماڻهون بلوچستان جي پهاڙن تان لڏل هئا، اچوڪي بلوچستان صوبي جي تواريخ کي مروڙي اچوڪي سنڌ صوبي جي تواريخ ۾ گڏيو ڇڏين؛ ۽ فقط هڪڙو ٻيو سوال ـــ ته تواريخ ڪنهن جي پئي لکجي، اچوڪي سنڌ صوبي جي اصلوڪين جاتين جي، يا اچوڪي سنڌ صوبي اندر رهندڙ اچوڪي سيني جاتين جي ـــ انهن تواريخ نويسن کي پڙو ڪري ڇڏيندو جيڪي اها حقيقت مڃڻ لاءِ تيار نه آهن ته اچوڪي سنڌ صوبي جي اولهاڻي حصي جا اصلوڪا رهاڪو بلوچستان جي جبلن تان لڏل ماڻهون هئا ۽ اچوڪي سنڌ صوبي جي اوپراڻي حصي جا اصلوڪا رهاڪو ڪچ، ڪاٺياواڙ، گجرات، مارواڙ، ۽

راجستان مان آيل ماڻهون هئا: اِنگلائنڊ جي تواريخ ۾ اِنگلائنڊ اندر رهندڙ سڀني جاتين کي انگريز نه چيو ويندو آهي، پر سنڌ جي تواريخن ۾ اڇوڪي سنڌ صوبي اندر رهندڙ عرب، ايراني، افغاني، ارغون، پٺاڻ، مغل، ۽ ترخان جاتين کي به سنڌي چيو ويندو آهي، ۽ وڏو ٻيهودو چرچو اهو آهي ته اهي عرب، ايراني، افغاني، ارغون، پٺاڻ، مغل ۽ ترخان جاتين جا ماڻهون اڇوڪي سنڌ صوبي اندر پاڻ کي سنڌي ۽ اڇوڪي پنجاب صوبي اندر پاڻ کي پنجابي سڏائيندا آهن جيڪو ائين آهي جيئن اِنگلائنڊ ۾ رهيل کو سنڌي اِنگلائنڊ ۾ پاڻ کي انگريز سڏائي ۽ فرانس ۾ رهيل کو سنڌي پاڻ کي فرينچ سڏائي: اهو خاص سبب آهي جو سنڌ جي تواريخ نويسن سنڌي ماڻهن جون خاصيتون، عادتون، فطرتون ـ ڪلچر سميت ـ اهي ٻڌايون آهن جيڪي اڇوڪي سنڌ صوبي جي اصلوڪن رهاڪن ٻدران انهن ماڻهن جون آهن جيڪي تواريخ ۾ اڳتي هلي اولهه، اتر اولهه، ۽ اتر کان آيا، ـــ اڇوڪي سنڌ صوبي ۾ انهن ٽنهي طرفن کان آيل ماڻهون پاڻ انهن ٽنهي طرفن کان ايندڙ ماڻهن کي ڪاڏو، ڏندو، ۽ اجهو ڏيندا هئا جنهن کي سنڌ جي تواريخ نويسن سنڌ جي 'روائتي مهمان نوازي' سڏيو آهي جنهن 'مهمان نوازيء' سان حقيقت ۾ اڇوڪي سنڌ صوبي جي اصلوڪن ـ اولهاڙي حصي جي بلوچن ۽ بروهين، ۽ اوپراڙي حصي جي اصلوڪين جاتين جو ڪوبه تعلق نه هو: پر اهي حقيقتون سڀ پوءِ جون آهن، ۽ جنهن زماني جي سنڌ جا تواريخ نويس ڳالهه ٿا ڪن ـ عيسائي ورهه کان پنجاهه سؤ ورهن کان اڳيئي گذريل پنجاهه سؤ ورهن ۾ ـ انهيءَ زماني ۾ اڇوڪي سنڌ صوبي ۾ منچر واري ايراضي ۽ ڪراچيءَ پاسي آباد ٿين جي سموري ڳالهه جو حقيقتن سان ڪوبه تعلق ڪونهي:

ٻني پوکڻ جو ڪم ڏٺيوب ندي ۽ سان گڏ هلندي

عيسائي ورهه کان پنجيتاليهه سئو ورهه اڳ ٽائين جرمني، هالئنڊ، ۽ لگزيمبرگ ٽائين پهچي ويو: انهيءَ زماني ۾ ٽرڪيءَ جي ڏاکڻي وچ ۾ ڪتل هوڪ Kytul Hyook نالي شهر ٻڌيهن ايڪڙن تي آباد هو جيڪو ان زماني جي دنيا جو سڀ کان وڏو شهر هو: انهيءَ زماني ٽائين ٻڌر جي آخري دور جي چمڪندڙ ٻڌر واري هڪ وڏي وسندي civilisation چين جي پيلي نديءَ Yellow River تي قائم ٿي وئي هئي جيڪا چمڪندڙ ٻڌر واري دور جي چئن وڏين وسندين مان هڪ هئي، ـــ باقي ٽي وسنديون هيون ايجپٽ ۾ نئل نديءَ واري وسندي، عراق ۾ ٽگرس ۽ يوفريٽس ندين واري وسندي، ۽ هندستان نديءَ کنڊ ۾ انڊس نديءَ واري وسندي جا انڊس وسنديءَ واري نالي سان سڏجي، ـــ انهن چئني وسندين جي شروعات مختلف وقتن تي ٿي ۽ سڀ کان دير ۾ انڊس وسنديءَ جي شروعات ٿي: اها وسندي جو انڊس وسندي سڏبي آهي ۽ جو سنڌو وسندي نه سڏبي آهي، ۽ انڊس وسنديءَ کي سنڌي تواريخ نويس جو اڃوڪي سنڌ صوبي مان لنگهندڙ سنڌو نديءَ واري وسندي سمجهندا آهن ـــ انهن سوالن جا جواب سنڌ جا تواريخ نويس فقط اهو ڏيندا ته انڊس ۽ سنڌو ٻئي ساڳي گالهه آهن، ۽ اهو سوال ٽاري ويندا ته آخر جو انهيءَ کي انڊس وسندي جيو ويندو آهي ۽ آخر جو انهيءَ کي سنڌو وسندي ڪڏهن به نه جيو ويو: عيسائي ورهه کان ٻائيتاليهه سئو ورهه اڳ عراق جي ٽگرس ۽ يوفريٽس ندين جي ميدانن تي ماڻهون آباد ٿيڻ لڳا: هي ماڻهون اوپراڻي ايران جي ميدانن مان آيا: شهرن ٺهڻ جي شروعات ٿي جن مان سڀ کان پراڻو شهر ايرڊهم Eriduh ليکيو ويندو آهي جيڪو اڃوڪي عراق ۾ آهي ۽ هاڻي ان کي ابو شاهرين Aboo Shahrein چيو ويندو آهي، ـــ ايرڊهم جي ديوتائن مان سڀ کان وڏو ديوتا پاڻيءَ جو ديوتا هو جنهن کي اينڪيڊهم Enkiduh چوندا هئا: اها سوميرين وسندي

Sumerian Civilization جي شروعات هئي: ساڳئي وقت ايجپٽ ۾ نائل نديءَ جي ڪپن تي بيٺڪون ظاهر ٿيون جن مان اوائلي ٽئزين Tasian ۽ بئدرين Badrian بيٺڪون هيون: بئدرين ڪلچر جي ماڻهن نازڪ ٽانڪَ، عاج جون ڦڻيون، ۽ اهڙيون پٿليون ڏاهيون جن ۾ عورتن جو قد بت سنو ڏيکاريو ويو هو: عيسائي ورهه کان ايڪيتاليهه سئو ورهه اڳ بئدرين ڪلچر جي ماڻهن ٽامي جا ڏاڪا Copper beads استعمال ڪيا: هي اهو دور هو جڏهن ٽامي مان زيور ۽ اوزار ته ٺهڻ لڳا هئا پر چو ته ٽامي ۽ پٿر مان ٺهيل اوزار گڏ استعمال ٿي رهيا هئا تنهن ڪري انهيءَ دور کي ڪئلڪولٿڪ chalcholithic دور جي شروعات چئبو آهي، ۽ اهو دور اينڊز ڇهه سئو ورهه جٽاءُ ڪري عراق جي ٽگرس ۽ يوفريٽس ماڻرين، ايجپٽ جي نائل ماڻري، ازرعيل، لبنان، ۽ سيريا جي وڏي حصي تي ڇائجي ويو: عيسائي ورهه کان چاليهه سئو ورهه اڳ تائين اڳيئي گذريل هڪ هزار ورهن ۾ ايجپٽ جي نائل نديءَ تي ايجپشن وسنديون ۽ عراق جي ٽگرس ۽ يوفريٽس نديين تي سوميرين وسنديون قائم ٿي ويون هيون جتي ٽگرس نديءَ جي حسونهه Husoonuh ايراضيءَ ۾ هڪڙي زرعي گروهه جا ماڻهون چڱن ٺهيل گهرن ۾ رهڻ لڳا: انهيءَ زماني ۾ ــ عيسائي ورهه کان چاليهه سئو ورهه اڳ ــ يورپ جا ڪڙمي اِنگلئنڊ ۾ داخل ٿيا: نيئر ايسٽ واري ملڪن اولهاڪي ايران، عراق، ازرعيل، لبنان، ۽ ٽرڪيءَ ۾ پٽل ڳاڙهڻ جي شروعات ٿي ۽ پهريون پيرو هر استعمال ٿيو: ايران جي ٽانڪَ ڏاهينڊڙن ڪاراڻ واري ڳاڙهي رنگ سان چٽيل جانورن جي قطارن، پکين، رڇن، ۽ ڳاڙهن Ibex جي تصويرن تي ڪارو رنگ ــ لوهه ــ استعمال ڪرڻ شروع ڪيو: انهيءَ زماني ۾ سيريا جي اتر ۾ طل حلف وٽ هڪڙو ڪلچر ظاهر ٿيو جيڪو هڪ وڏي ايراضيءَ ۾ پکڙجي ويو ۽ ميڊيٽيرڙنين سمنڊ جي ملڪن تائين پهچي ويو: انهيءَ

ڪلچر ۾ ٽامو استعمال ڪرڻ جي شروعات ٿي: انهيءَ ساڳئي زماني ۾ ايران ۾ سياڪ Siyalk ڪلچر جي شروعات ٿي جيڪو زراعت سان تعلق رکندڙ هو ۽ اندازَ پنج سؤ ورهه جٽاءُ ڪري عيسائي ورهه کان ٽيهه سؤ ورهه اڳ تائين ڏاکڻي عراق ۽ ڏاکڻي اولهه ايران جي ايلئم Elam ايراضيءَ جي شهر سوسا Susa واري ايلئمائيٽ سوسا Elamite Susa ڪلچر هيٺ ديڄي ويو: انهيءَ وقت تائين ـ عيسائي ورهه کان چاليهه سؤ ورهه اڳ تائين ـ اڄوڪي هندستان نديءِ کنڊ ۾ اڄ تائين موجود ڇهن قومن مان پنج قومون ـــ نيگرائٽوز Negritos، پوءِ پروٽو-آسٽرولوئڊس Proto-Austroloids، پوءِ ميڊيٽيرئنين Mediterranean جن کي پوءِ دراوڙ يا درئويڊينس Dravidians چيو ويو، پوءِ منگولوئڊس Mangoloids، پوءِ بريڪيسيفلس Brachycephals ـــ هندستان نديءِ کنڊ تي اڳيئي پهتل هيون ۽ هڪڙي قسم جي اڇڙي شهري زندگيءَ جون بنيادون پئجي ويون هيون جا تامي ۽ پتل جي دور ڏانهن وڌڻ لڳي هئي ـــ انهن ايراضين ۾ جتي پوءِ تامي ۽ پتل واريون بيٺڪن جا نشان مليا، ـــ پر انهيءَ گالهه جو مطلب اهو ناهي ته انهيءَ زماني ۾ اڄوڪي سنڌ صوبي واري ايراضيءَ اندر پتل ۽ تامي واريون بيٺڪون هيون: عيسائي ورهه کان چٽيهه سؤ ورهه اڳ تائين اڳيئي گذريل ڏن سَون ورهن ۾ ـ اڄوڪي پرشين گلف جي سري تي عراق ۾ سوميريا ايراضيءَ ۾ آل عبيد Ul-Oobayd ڪلچر وڌڻ لڳو جنهن ۾ شهر مان گندو پاڻي ٻاهر ڪڍڻ لاءِ ڪسين جو سرشتو هو، مڇيون ۽ پکي قابو ڪرڻ لاءِ ٻيڙيون استعمال ٿيڻ لڳيون، ۽ سوميرين شهر آرڪ Ooruk جو بنياد پيو: هي اهو زمانو هو جڏهن اتراڀي يورپ ۾ پٿر واري آخري دور جو چمڪدار پٿر وارو نيئولٿڪ Neolithic دور پکڙجڻ لڳو:

(ڀرين قسط پوري ٿي)

حليم بروماي رويز - ٣